القرآن الكريم

بامحاوره ترجمو

حضرت مولانا تاج محمود امروٽي رحمه الله


لفظي ترجمو

حضرت مولانا عبدالڪريم قريشي رحمه الله

ٻير شريف



Maktaba Tul Ishaat



تمام فنون کے کتب ہمارے ویب سائٹ اور پلے سٹور سے فری ڈاون لوڈ کریں۔ ہم روزانہ کی بنیاد پر اس میں مزید نئے کتب شامل کر رہے ہیں نئے شامل شدہ کتب لیے روزانہ ہمارے پلے سٹور اور ویب سائٹ کو باقاعدگی سے چیک کیا کریں۔

اپنی کتاب کو ہمارے ویب سائٹ پر شائع کرنے کے لیے رابطہ کریں

تفاسیر	خطبات	منطق
احادیث	سیرت	معانی
فقہ	تاریخ	تصوف
سوانح حیات	صرف	تقابل ادیان
درس نظامی	نحو	تجوید
لغت	فلسفہ	نعت
فتاوی	حکمت	تراجم
اصلاحی	بلاغت	تبلیغ و دعوت
آڈیو دروس	مناظرے	تمام فنون

maktaba.tul.ishaatofficial@gmail.com

قَالَ اَلَمْ اَقُلْ لَّكَ اِنَّكَ لَنْ تَسْتَطِيْعَ مَعِيَ صَبْرًا ﴿٧٥﴾ قَالَ اِنْ

چيائين چائہ چيو هو مون توکي تہ تون نہ کري سگهندين مون سان گڏ صبر. چيائين جيڪڏهن

(خضر) چيو تہ، توکي نہ چيو هوم چا تہ تون مون سان (گڏ رهي) ڪڏهن نہ صبر ڪري سگهندين؟ (موسيٰ) چيو تہ،

سَاَلْتُكَ عَنْ شَيْءٍۢ بَعْدَهَا فَلَا تُصٰحِبْنِيْ ۚ قَدْ بَلَغْتَ مِنْ لَّدُنِّيْ

آءٌ توکان پڇا ڪريان ڪجهہ بہ هن کان پوءِ تہ نہ گڏ رکجانءِ مونکي، بيشڪ تون پهتين منهنجي طرفان

جيڪڏهن هن کانپوءِ ڪنهن ڳالهہ بابت توکان پڇان تہ منهنجي سنگت نہ ڪج! بيشڪ منهنجي پاران

عُذْرًا ﴿٧٦﴾ فَانْطَلَقَا وقفة حَتّٰٓى اِذَآ اَتَيَآ اَهْلَ قَرْيَةِ ِۨ اسْتَطْعَمَآ

لاچار ڪي. پوءِ ٻئي هليا، آخر آيا هڪ ڳوٺ وارن وٽ کاڌو گهريائون

عذر (جي حد) کي پهتين. پوءِ (ٻئي) هليا، تان جو جنهن مهل هڪڙي ڳوٺ وارن وٽ آيا (تنهن مهل) اُن جي رهاڪن کان

اَهْلَهَا فَاَبَوْا اَنْ يُّضَيِّفُوْهُمَا فَوَجَدَا فِيْهَا جِدَارًا يُّرِيْدُ اَنْ

اتي وارن کان پوءِ انڪار ڪيائون انهن جي مهماني ڪرڻ کان پوءِ لڌائون اتي هڪ ڀت جا ڪرڻ تي

کاڌو گهريائون تہ (انهن) اُن سندن مهماني ڪرڻ کان انڪار ڪيو. پوءِ اُن (ڳوٺ) ۾ هڪ ڊهڻ کي ويجهي ڀت ڏٺائون پوءِ

يَّنْقَضَّ فَاَقَامَهٗ ؕ قَالَ لَوْ شِئْتَ لَتَّخَذْتَ عَلَيْهِ اَجْرًا ﴿٧٧﴾ قَالَ

هئي پوءِ سڌو ڪيائين انکي، چيو موسيٰ جي چاهين ها وٺين ها ان تي مزدوري. چيائين

اُها (خضر ڍاهي ٻيهر) اُوساري، (موسيٰ) چيو تہ جيڪڏهن گهرين ها تہ اُن (جي اوسارڻ) تي مزوري ضرور وٺين ها!. (خضر) چيو

هٰذَا فِرَاقُ بَيْنِيْ وَبَيْنِكَ ۚ سَاُنَبِّئُكَ بِتَاْوِيْلِ مَا لَمْ تَسْتَطِعْ

هاڻي جدائي آهي منهنجي ۽ تنهنجي وچ ۾، اجهو ٻڌايان ٿو توکي رازن جو نہ ڪري سگهيو تو

تہ هاڻي منهنجي ۽ تنهنجي وچ ۾ جدائي پيئي، هاڻي توکي اُنهن (ڳالهين) جي حقيقت جي سڌ ڏيان ٿو جن تي تون صبر

عَّلَيْهِ صَبْرًا ﴿٧٨﴾ اَمَّا السَّفِيْنَةُ فَكَانَتْ لِمَسٰكِيْنَ يَعْمَلُوْنَ فِي الْبَحْرِ

جنهن تي صبر. پر اها ٻيڙي تہ هئي غريبن جي جيڪي ڌنڌو ڪندا هئا درياءَ ۾

ڪري نہ سگهئين. پر ٻيڙي (جا ڀڃي ويئي سا) مسڪينن جي هئي (جنهن تي) هو درياءَ ۾ پورهيو ڪندا

فَاَرَدْتُّ اَنْ اَعِيْبَهَا وَكَانَ وَرَآءَهُمْ مَّلِكٌ يَّاْخُذُ كُلَّ سَفِيْنَةٍ

پوءِ مون گهريو تہ نقص ڪريان انهي ۾ ۽ انهن جي پويان هڪ بادشاهہ هئو جو وٺي پيو هر ٻيڙي

(وتندا) هئا. پوءِ اُن کي عيبدار ڪرڻ گهريم جو سندن پوئتان اهڙو بادشاهہ هو جنهن سڀ ڪا ٻيڙي بيگر ۾

غَصْبًا ﴿٧٩﴾ وَاَمَّا الْغُلٰمُ فَكَانَ اَبَوٰهُ مُؤْمِنَيْنِ فَخَشِيْنَآ اَنْ يُّرْهِقَهُمَا

بيگر ۾. ۽ پر ڇوڪرو پوءِ هئا ماءُ پيءُ انجا ايمان وارا پوءِ ڊناسون تہ رسائي ٻنهي کي

ٿي ورتي. ۽ نينگر (جو ماريو ويو) تنهن جا ماءُ پيءُ مؤمن هئا، تنهن ڪري ڊناسون تہ نافرمانيءَ ۽ ڪفر ڪرڻ سان ٻنهي

طُغْيَانًا وَّكُفْرًا ﴿٨٠﴾ فَاَرَدْنَآ اَنْ يُّبْدِلَهُمَا رَبُّهُمَا خَيْرًا مِّنْهُ زَكٰوةً وَّ

بي فرماني ۽ ڪفر تي. پوءِ ارادو ڪيوسون ته بدلي ۾ ڏئي انهنکي انهن جو رب ڀلو انهيءَ کان پاڪائيءَ ۾ ۽

کي عاجز ڪندو. پوءِ گهريوسون ته سندن پالڻهار کين ان جي بدلي اُن کان به پاڪبازيءَ جي ڪري وڌيڪ ڀلو ۽

اَقْرَبَ رُحْمًا ﴿٨١﴾ وَاَمَّا الْجِدَارُ فَكَانَ لِغُلٰمَيْنِ يَتِيْمَيْنِ فِي الْمَدِيْنَةِ

تمام ويجهو ٻاجهه ۾. ۽ پر ڀت پوءِ اهائي ٻن ٻارن يتيمن جي انهي شهر ۾

ٻاجهه جي ڪري وڌيڪ ويجهو (اولاد) ڏئي. ۽ جيڪا ڀت (ناهي ويئي) سا شهر ۾ ٻن يتيمن ٻارن جي هئي

وَكَانَ تَحْتَهٗ كَنْزٌ لَّهُمَا وَكَانَ اَبُوْهُمَا صَالِحًا ۚ فَاَرَادَ رَبُّكَ اَنْ

۽ هئو ان جي هيٺان خزانو ٻنهي جو ۽ هئو پيءُ انهن جو چڱو ماڻهو. پوءِ گهريو تنهنجي رب ته

۽ ان جي هيٺان سندن خزانو هو ۽ سندن ماءُ پيءُ نيڪ هئا پوءِ تنهنجي پالڻهار گهريو ته

يَّبْلُغَآ اَشُدَّهُمَا وَيَسْتَخْرِجَا كَنْزَهُمَا ۖ رَحْمَةً مِّنْ رَّبِّكَ ۚ وَمَا

هي ٻئي پهچن پنهنجي جوانيءَ کي ۽ ڪوٺي ڪڍن پنهنجو خزانو مهرباني تنهنجي رب جي سان. ۽ مون

ٻئي پنهنجي جوانيءَ کي پهچن ۽ پنهنجو خزانو تنهنجي پالڻهار جي ٻاجهه سان ڪڍن ۽

فَعَلْتُهٗ عَنْ اَمْرِيْ ۗ ذٰلِكَ تَاْوِيْلُ مَا لَمْ تَسْطِعْ عَّلَيْهِ صَبْرًا ﴿٨٢﴾ ع ١٠

اهو نه ڪيو تي پنهنجي ارادي سان، اهو آهي مطلب ان جو نه ڪري سگهيو تو جنهن تي صبر.

اهو پنهنجي راءِ سان نه ڪيم. اها ان جي حقيقت آهي، جنهن تي تون صبر ڪري نه سگهئين.

وَيَسْـَٔلُوْنَكَ عَنْ ذِى الْقَرْنَيْنِ ۗ قُلْ سَاَتْلُوْا عَلَيْكُمْ مِّنْهُ ذِكْرًا ﴿٨٣﴾

۽ پڇن ٿا توکان ذي القرنين جي خبر. چؤ ته پڙهايان ٿو توهان کي انهيءَ جو بيان.

۽ (اي پيغمبر!) توکان ذوالقرنين بابت پڇن ٿا. چئو ته اوهان کي اُن جو (ڪجهه) بيان ڪري پڙهايان ٿو.

اِنَّا مَكَّنَّا لَهٗ فِي الْاَرْضِ وَاٰتَيْنٰهُ مِنْ كُلِّ شَيْءٍ سَبَبًا ﴿٨٤﴾ فَاَتْبَعَ

بيشڪ اسان بادشاهي ڏني سون انهيءَ کي زمين ۾ ۽ ڏنوسون ان کي هر قسم جو سامان. پوءِ هلايائين

بيشڪ اسان ان کي زمين ۾ مضبوط حڪومت ڏني ۽ سڀ ڪنهن شيءِ جو سامان کيس ڏنوسون. پوءِ سامان

سَبَبًا ﴿٨٥﴾ حَتّٰىٓ اِذَا بَلَغَ مَغْرِبَ الشَّمْسِ وَجَدَهَا تَغْرُبُ فِيْ

سامان کي. نيٺ جڏهن پهتو سج لهڻ واري طرف ڏٺائين ان کي ته لهي ٿو هڪ

(جي مدد) سان هليو. ايتري (سير ڪيائين) جو سج لهڻ جي هنڌ پهتو ان کي گيڙاٽي گرم تلاءِ ۾ لهندو ڏٺائين

عَيْنٍ حَمِئَةٍ وَّوَجَدَ عِنْدَهَا قَوْمًا ۗ قُلْنَا يٰذَا الْقَرْنَيْنِ اِمَّآ

ڍٻي ڪاري ۾ ۽ لڌائين اتي ڪن ماڻهن کي، اسان چيوسون اي ذي القرنين تون

۽ اُن (تلاءِ) وٽ هڪ قوم کي ڏٺائين. چيوسون ته اي ذوالقرنين! اُنهن کي يا سزا ڏين يا

اَنْ تُعَذِّبَ وَاِمَّآ اَنْ تَتَّخِذَ فِيْهِمْ حُسْنًا ﴿٨٦﴾ قَالَ اَمَّا مَنْ ظَلَمَ

انهن کي عذاب ڪرين يا شروع ڪرين انهن ۾ ڪا چڱائي. چيائين جنهن ظلم ڪيو

منجهن ڪو چڱائي جو سڌارو ڪرين (تہ توکي اختيار آهي). (ذوالقرنين) چيو تہ جيڪو (ماڻهو) ظلم ڪندو

فَسَوْفَ نُعَذِّبُهٗ ثُمَّ يُرَدُّ اِلٰى رَبِّهٖ فَيُعَذِّبُهٗ عَذَابًا نُّكْرًا ﴿٨٧﴾ وَاَمَّا

تہ اسان انهي کي سزا ڏينداسون پوءِ موٽايو ويندو پنهنجي رب ڏانهن پوءِ اهو عذاب ڪندو انکي عذاب سخت. پر

تنهن کي سزا ڏينداسون وري پنهنجي پالڻهار ڏانهن ورايو ويندو پوءِ اهو ڪيس سخت عذاب جي سزا ڏيندو. ۽ جيڪو

مَنْ اٰمَنَ وَعَمِلَ صَالِحًا فَلَهٗ جَزَآءَ ۨالْحُسْنٰى ۚ وَسَنَقُوْلُ لَهٗ

جنهن ايمان آندو ۽ ڪم ڪيا چڱا تہ انهيءَ لاءِ آهي بدلو ڀلو. ۽ حڪم ڪنداسون ان کي

ايمان آڻيندو ۽ چڱا ڪم ڪندو تنهن کي چڱو بدلو ملندو ۽ پنهنجي معاملي ۾ ان کي

مِنْ اَمْرِنَا يُسْرًا ﴿٨٨﴾ ۭ ثُمَّ اَتْبَعَ سَبَبًا ﴿٨٩﴾ حَتّٰٓى اِذَا بَلَغَ مَطْلِعَ الشَّمْسِ

پنهنجي ڪم ۾ سولو. وري هلايائين ساٽ ڪي. نيٺ جڏهن پهتو سج اڀرڻ طرف

سولائي (جهڙو ڪم) چونداسون. وري سامان (جي مدد) سان هليو. ايترو (سفر ڪيائين) جو سج اڀرڻ جي هنڌ

وَجَدَهَا تَطْلُعُ عَلٰى قَوْمٍ لَّمْ نَجْعَلْ لَّهُمْ مِّنْ دُوْنِهَا سِتْرًا ﴿٩٠﴾ ۙ

ڏٺائين انکي تہ اڀري پيو اهڙي قوم تي جو نہ ڪيو هو اسان انهن لاءِ سج جي اڳيان ڪوئي پردو.

پهتو تہ اهو هڪ اهڙي قوم تي اڀرندو ڏٺائين جن لاءِ سج کان اوريان ڪا اوٽ نہ بڻائي هئي سون.

كَذٰلِكَ ۭ وَقَدْ اَحَطْنَا بِمَا لَدَيْهِ خُبْرًا ﴿٩١﴾ ثُمَّ اَتْبَعَ سَبَبًا ﴿٩٢﴾ حَتّٰٓى

اتي ٻہ ائين ٿي ٿيو. ۽ اسان کي پوري خبر آهي جيڪي ان وٽ هئو. وري هلايائين ساٽ ڪي. نيٺ

اهڙيءَ طرح (سندس قصو آهي). ۽ بيشڪ اسان وٽ اُن جي سڄي خبر آهي. وري سامان (جي مدد) سان هليو. ايترو

اِذَا بَلَغَ بَيْنَ السَّدَّيْنِ وَجَدَ مِنْ دُوْنِهِمَا قَوْمًا ۙ لَّا يَكَادُوْنَ

جڏهن پهتو ٻن جبلن جي وچ ۾ لڌائين انهن جي اڳيان اهڙا ماڻهو، جو نہ پيا

جو جڏهن ٻن جبلن جي وچ ۾ پهتو تہ انهن جي هِن پاسي اهڙي قوم ڏٺائين جا ڪا بہ ڳالهہ سمجهي

يَفْقَهُوْنَ قَوْلًا ﴿٩٣﴾ قَالُوْا يٰذَا الْقَرْنَيْنِ اِنَّ يَاْجُوْجَ وَمَاْجُوْجَ

سمجهن ڪا ڳولي. چيائون اي ذوالقرنين بيشڪ ياجوج ۽ ماجوج

نہ ٿي سگهي، چيائون تہ اي ذوالقرنين! بيشڪ ياجوج ۽ ماجوج

مُفْسِدُوْنَ فِى الْاَرْضِ فَهَلْ نَجْعَلُ لَكَ خَرْجًا عَلٰٓى اَنْ

فساد ڪندڙ آهن ملڪ ۾ پوءِ ڇا ادا ڪريون تو لاءِ ڍل هن لاءِ جو

ملڪ ۾ فساد وجهندڙ آهن، تنهن ڪري تو لاءِ اسين هن شرط تي ڍل مقرر ڪريون تہ

تَجْعَلَ بَيْنَنَا وَبَيْنَهُمْ سَدًّا ﴿٩٤﴾ قَالَ مَا مَكَّنِّيْ فِيْهِ رَبِّيْ خَيْرٌ فَاَعِيْنُوْنِيْ

ٿاهين تون اسان جي ۽ انهن جي وچ ۾ بند. چيائين اها جنهن ۾ سگهه ڏني آهي مونکي منهنجي رب زور ڀلي آهي پوءِ مدد ڪريو منهنجي

تون اسان جي ۽ سندن وچ ۾ اڙ بڻائين. (ذوالقرنين) چيو ته، منهنجي پالڻهار جيڪا مون کي ان بابت سگهه ڏني

بِقُوَّةٍ اَجْعَلْ بَيْنَكُمْ وَبَيْنَهُمْ رَدْمًا ﴿٩٥﴾ اٰتُوْنِيْ زُبَرَ الْحَدِيْدِ ۭ حَتّٰٓى

محنت سان ته ٺاهيان توهان جي ۽ انهن جي وچ ۾ ديوار. آڻي ڏيو مونکي ٽڪرا لوهه جا، آخر

آهي سا ڀلي آهي، پوءِ اوهين مون سان زور بار جي مدد ڪريو ته اوهان جي ۽ سندن وچ ۾ وڏي اڙ بڻايان. لوهه جا ٽڪر مون وٽ

اِذَا سَاوٰى بَيْنَ الصَّدَفَيْنِ قَالَ انْفُخُوْا ۭ حَتّٰٓى اِذَا جَعَلَهٗ نَارًا ۙ

پري سڌو ڪيائين ٻنهي جبلن جي وچ کي چيائين هاڻ ڦوڪيوس، تان جو جڏهن ڪيائين ان کي باهه

آڻيو، جڏهن ٻنهي جبلن جي وچ ۾ (پري) پورائي ڪيائين (تڏهن) چيائين ته (هاڻ ڌوڻ) ڌڻئو، تان جو جڏهن ان کي (تپائي)

قَالَ اٰتُوْنِيْٓ اُفْرِغْ عَلَيْهِ قِطْرًا ﴿٩٦﴾ فَمَا اسْطَاعُوْٓا اَنْ يَّظْهَرُوْهُ وَ

چيائين آڻيو مون وٽ ته پرڪيان ان تي ٽامو پگهريل. بس پوءِ نه سگهيا چڙهي ان تي ۽

باهه ڪيائين (تڏهن) چيائين ته مون وٽ آڻيو ته مٿس پگهاريل ٽامو پلٽيان. پوءِ (ياجوج ماجوج) نڪي اُن تي چڙهي سگهيا ۽

مَا اسْتَطَاعُوْا لَهٗ نَقْبًا ﴿٩٧﴾ قَالَ هٰذَا رَحْمَةٌ مِّنْ رَّبِّيْ ۚ فَاِذَا جَآءَ

نه هٽي سگهيا ان ۾ ڪات. چيائين هيءَ ٻاجهه آهي منهنجي پروردگار جي پوءِ جڏهن ايندو

نڪي اُن کي ڪا سرنگهه هٽي سگهيا. چيائين ته هيءَ منهنجي رب جي (هڪڙي) ٻاجهه آهي، جنهن مهل

وَعْدُ رَبِّيْ جَعَلَهٗ دَكَّآءَ ۚ وَكَانَ وَعْدُ رَبِّيْ حَقًّا ﴿٩٨﴾ وَتَرَكْنَا

وعدو منهنجي رب جو ڪندو انهيءَ کي ذرا ذرا، ۽ آهي وعدو منهنجي رب جو سچو. ۽ ڇڏينداسون

منهنجي رب جو انجام ايندو (تنهن مهل) اُن کي سنئون ڪري ڇڏيندو ۽ منهنجي رب جو انجام سچو آهي. ۽ اُن

بَعْضَهُمْ يَوْمَىِٕذٍ يَّمُوْجُ فِيْ بَعْضٍ وَّنُفِخَ فِي الصُّوْرِ فَجَمَعْنٰهُمْ

انهن مان هڪڙن کي تنهن ڏينهن ته ڇوليون هڻندا ايندا ٻين ۾ ۽ ڦوڪي ويندي صور پوءِ گڏ ڪنداسون انهن کي

ڏينهن ڇڏينداسون ته هڪ ٻئي ۾ ڳاهٽ ٿيندا (ايندا) ۽ صور ۾ ڦوڪيو ويندو پوءِ اُنهن مڙني کي گڏ

جَمْعًا ﴿٩٩﴾ ۙ وَّعَرَضْنَا جَهَنَّمَ يَوْمَىِٕذٍ لِّلْكٰفِرِيْنَ عَرْضَاۨ ﴿١٠٠﴾ ۙ الَّذِيْنَ

پوري طرح. ۽ پڌرو ڪنداسون دوزخ انهيءَ ڏينهن ڪافرن تي سامهون آڻي. اهي جن جون

ڪنداسون. ۽ ان ڏينهن انهن ڪافرن کي دوزخ آڏو ڪنداسون جيئن آڏو ڪجي. جن جيون

كَانَتْ اَعْيُنُهُمْ فِيْ غِطَآءٍ عَنْ ذِكْرِيْ وَكَانُوْا لَا يَسْتَطِيْعُوْنَ

اکيون هيون پردي ۾ منهنجي ذڪر کان ۽ نڪي اهي سگهندا هئا

اکيون منهنجي يادگيري کان ڍڪ ۾ هيون ۽ (سا ٻڌ کان ڪجهه) ٻڌي نه سگهندا هئا.

ع١١ سَمْعًا ﴿١٠١﴾ اَفَحَسِبَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اَنْ يَّتَّخِذُوْا عِبَادِيْ مِنْ

ٻڌي. ڇا ڀوءِ سمجهيو آهي ڪافرن جو بڻائين منهنجي ٻانهن کي مون

ڪافرن (اڃا ٻاڻ کي سزا جوڳو) نه ڀانيو آهي ڇا جو مون کان سواءِ منهنجن ٻانهن کي دوست

دُوْنِيْٓ اَوْلِيَآءَ ۭ اِنَّآ اَعْتَدْنَا جَهَنَّمَ لِلْكٰفِرِيْنَ نُزُلًا ﴿١٠٢﴾ قُلْ هَلْ

کان سواءِ مددگار. اسان تيار ڪيو آهي دوزخ کي ڪافرن جي مهماني لاءِ. تون چئو ڇا

ورتو اٿن؟ اسان ڪافرن جي رهڻ لاءِ دوزخ تيار ڪيو آهي. (اي پيغمبرا) چئو ته ڪرتوتن

نُنَبِّئُكُمْ بِالْاَخْسَرِيْنَ اَعْمَالًا ﴿١٠٣﴾ اَلَّذِيْنَ ضَلَّ سَعْيُهُمْ

اسان ٻڌايون توهان کي اهي جن جا بيڪار ٿيا عمل؟ اهي ٿي آهن جن جي ضايع ٿي محنت

جي ڪري بلڪل ٽوٽي وارن جي اوهان کي سُڌ ڏيون ڇا؟ جن پنهنجي محنت دنيا جي حياتيءَ ۾

فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَهُمْ يَحْسَبُوْنَ اَنَّهُمْ يُحْسِنُوْنَ صُنْعًا ﴿١٠٤﴾ اُولٰۗىِٕكَ

دنيا جي حياتي ۾ ۽ اهي سمجهن پيا ته پاڻ چڱي ٿا ڪن ڪار. اهي ٿي آهن

اجائي وڃائي ۽ اهي (پنهنجي لاءِ) ڀانئيندا آهن ته اهي (پاڻ) چڱو ڪم ڪندا آهن. اهي اهي

الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِاٰيٰتِ رَبِّهِمْ وَلِقَاۗىِٕهٖ فَحَبِطَتْ اَعْمَالُهُمْ فَلَا نُقِيْمُ

جن ڪفر ڪيو پنهنجي رب جي آيتن جو ۽ ان سان ملاقات جو پوءِ برباد ٿيا انهن جا عمل پوءِ نه ڪنداسون

آهن جن پنهنجي پالڻهار جي آيتن ۽ سندس ملڻ جو انڪار ڪيو پوءِ سندن ڪئي ڪمائي ڇٽ ٿي پوءِ انهن لاءِ

لَهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ وَزْنًا ﴿١٠٥﴾ ذٰلِكَ جَزَاۗؤُهُمْ جَهَنَّمُ بِمَا كَفَرُوْا

انهن لاءِ قيامت ڏينهن ڪائي تور. اهو بدلو انهن جو آهي دوزخ جو ڪفر ڪيائون

قيامت جي ڏينهن ڪا تور ڪڙي نه ڪنداسون. اها سندين سزا دوزخ اِنهي سببان آهي جو ڪفر ڪيائون

وَاتَّخَذُوْٓا اٰيٰتِيْ وَرُسُلِيْ هُزُوًا ﴿١٠٦﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ

۽ ٺهرايائون منهنجي آيتن ۽ رسولن کي مسخري. بيشڪ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا

۽ منهنجي آيتن ۽ منهنجي پيغمبرن کي ٺٺولي ڪري ورتائون. جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا

كَانَتْ لَهُمْ جَنّٰتُ الْفِرْدَوْسِ نُزُلًا ﴿١٠٧﴾ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا لَا يَبْغُوْنَ

آهن انهن لاءِ فردوس جا باغ مهماني. هميشه رهندا انهن ۾ نه گهرندا

تن لاءِ فردوس جا باغ مهماني (جي جاءِ) آهن. منجهن سدائين رهڻ وارا آهن ڪاٿئن وري

عَنْهَا حِوَلًا ﴿١٠٨﴾ قُلْ لَّوْ كَانَ الْبَحْرُ مِدَادًا لِّكَلِمٰتِ رَبِّيْ لَنَفِدَ الْبَحْرُ

اتان موٽڻ تون چئو جيڪڏهن ٿئي سمنڊ مَس منهنجي رب جي ڳالهين لاءِ ته کپي وڃي سمنڊ

ڦرڻ نه گهرندا. چئو ته جيڪڏهن منهنجي پالڻهار جي سخنن (لکڻ) لاءِ سمنڊ مس ٿئي ته منهنجي

قَبْلَ اَنْ تَنْفَدَ كَلِمٰتُ رَبِّيْ وَلَوْ جِئْنَا بِمِثْلِهٖ مَدَدًا ﴿١٠٩﴾ قُلْ اِنَّمَآ اَنَا

هن کان اڳ جو پوريون ٿين ڳالهيون منهنجي رب جون جيتوڻيڪ آڻيون انهي جيترو مددم. تون ٻڌاءِ رڳو آءٌ

پالڻهار جي سخنن پوري ٿيڻ کان اڳ سمنڊ کپي ويندو، توڻيڪ جهڙس (ٻيا سمنڊ) مدد لاءِ آڻيون. چئو تہ. آءٌ

بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ يُوْحٰٓى اِلَيَّ اَنَّمَآ اِلٰـهُكُمْ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ ۚ فَمَنْ كَانَ يَرْجُوْا لِقَآءَ

بشر آهيان اوهان جهڙو وحي ڪيو وڃي ٿو مون ڏانهن بيشڪ معبود اوهان جو الله هڪڙوئي آهي، پوءِ جيڪو بہ اميد رکي ٿو ملاقات جي

اوهان جهڙو ئي ماڻهو آهيان مون ڏانهن وحي موڪليو ويندو آهي تہ اوهان جو معبود رڳو هڪ الله آهي، پوءِ جيڪو پنهنجي پالڻهار

رَبِّهٖ فَلْيَعْمَلْ عَمَلًا صَالِحًا وَّلَا يُشْرِكْ بِعِبَادَةِ رَبِّهٖٓ اَحَدًا ﴿١١٠﴾ ع ١٢ ٣

پنهنجي رب سان تہ اهو ڪري ڪم چڱا ۽ نہ شريڪ ڪري عبادت پنهنجي رب جي ۾ ڪنهن کي.

جي ملڻ جي اميد رکي تنهن کي جڳائي تہ چڱا ڪم ڪري ۽ پنهنجي پالڻهار جي عبادت ۾ ڪنهن هڪڙي کي شريڪ نہ ڪري.

سُوْرَةُ مَرْيَمَ مَكِّيَّةٌ ۔۔۔ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۔۔۔ اٰيَاتُهَا ٩٨ رُكُوْعَاتُهَا ٦

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

كٓهٰيٰعٓصٓ ﴿١﴾ ذِكْرُ رَحْمَتِ رَبِّكَ عَبْدَهٗ زَكَرِيَّا ۖ ﴿٢﴾ اِذْ نَادٰى رَبَّهٗ

ڪهيعص. هي بيان آهي تنهنجي رب جي رحمت جو پنهنجي ٻانهي زڪريا تي. جڏهن سڏيائين پنهنجي رب

ڪهيعص. تنهنجي پالڻهار جي ٻاجھ سندس ٻانهي زڪريا (تي ٿيل) جو (هي) بيان آهي. جڏهن پنهنجي پالڻهار

نِدَآءً خَفِيًّا ﴿٣﴾ قَالَ رَبِّ اِنِّيْ وَهَنَ الْعَظْمُ مِنِّيْ وَاشْتَعَلَ الرَّاْسُ

کي ڳجهي سڏ، چيائين اي منهنجا رب ڪمزور ٿيا آهن هڏا منهنجا ۽ اڇو ٿيو آهي مٿو

کي آهستي ٻاڏائي سڏيائين. چيائين تہ منهنجا پالڻهار! منهنجي (لڱن جا) هڏا ڪمزور ٿيا آهن ٻڍائيءَ کان

شَيْبًا وَّلَمْ اَكُنْ بِدُعَآئِكَ رَبِّ شَقِيًّا ﴿٤﴾ وَاِنِّيْ خِفْتُ الْمَوَالِيَ

ڪراڙپ کان ۽ ناهيان آءٌ تنهنجي سڏڻ کان اي رب نااميد. ۽ مون ڊڃان ٿو پنهنجن کان

منهنجو مٿو (اڇو) چمڪي ٿو ۽ اي منهنجا پالڻهار! توکي سڏڻ کان نااميد نہ آهيان. ۽ آءٌ پنهنجي پوئتان

مِنْ وَّرَآءِيْ وَكَانَتِ امْرَاَتِيْ عَاقِرًا فَهَبْ لِيْ مِنْ لَّدُنْكَ وَلِيًّا ﴿٥﴾ يَّرِثُنِيْ وَ

پنهنجي پٺيان ۽ آهي زال منهنجي سنڍ پوءِ بخش مون کي پنهنجي طرفان اهڙو قريب. جو وارث ٿئي منهنجو ۽

پنهنجن مائٽن کان ڊڃان ٿو ۽ منهنجي زال سنڍ آهي تنهن ڪري پاڻ وٽان مون کي ڪو وارث بخش!

يَرِثُ مِنْ اٰلِ يَعْقُوْبَ ۖ وَاجْعَلْهُ رَبِّ رَضِيًّا ﴿٦﴾ يٰزَكَرِيَّآ

وارث ٿئي آل يعقوب جو ۽ ڪران کي منهنجا رب پسند پيل. اي زڪريا

جو منهنجو وارث ٿئي ۽ يعقوب جي اولاد جو (بہ) وارث ٿئي ۽ اي منهنجا پالڻهار! اُن کي صالح ڪر! (چيوسون تہ)

اِنَّا نُبَشِّرُكَ بِغُلٰمِ ِۨ اسْمُهٗ يَحْيٰى ۙ لَمْ نَجْعَلْ لَّهٗ مِنْ قَبْلُ سَمِيًّا ۝٧

اسان خوشخبري ڏيون ٿا توکي پٽ جي جنهنجو نالو يحيٰ آهي نہ ڪيو آهي اسان انهيءَ اڳي نالي وارو.

اي زڪريا! اسان توکي هڪ نينگر جي مبارڪ ڏيون ٿا جنهن جو نالو يحيٰ آهي اڳ اهڙي نالي وارو ڪو نہ ڪيوسون.

قَالَ رَبِّ اَنّٰى يَكُوْنُ لِيْ غُلٰمٌ وَّكَانَتِ امْرَاَتِيْ عَاقِرًا وَّقَدْ بَلَغْتُ

چيائين منهنجا رب ڪٿان ٿيندو مونکي پار ۽ آهي زال منهنجي سنڍ ۽ مان ٿي ويو آهيان

چيائين اي منهنجا پالڻهار! مون کي پٽ ڪيئن ٿيندو؟ جو منهنجي زال سنڍ آهي ۽ بيشڪ آءٌ پيري کان

مِنَ الْكِبَرِ عِتِيًّا ۝٨ قَالَ كَذٰلِكَ ۚ قَالَ رَبُّكَ هُوَ عَلَيَّ هَيِّنٌ وَّقَدْ

ڪراڙپ کان جهور. چيائين ائين ئي ٿيندو فرمايو تنهنجي رب اهو مون تي آسان آهي ۽ مون

جهورائي کي پهتو آهيان. (جبرئيل) چيو تہ اهڙي طرح (ٿيڻو) آهي. تنهنجي پالڻهار چيو آهي تہ اهو مون تي آسان آهي ۽ بيشڪ

خَلَقْتُكَ مِنْ قَبْلُ وَلَمْ تَكُ شَيْـًٔا ۝٩ قَالَ رَبِّ اجْعَلْ لِّيْۤ اٰيَةً ؕ

پيدا ڪيو توکي اڳ ۽ نہ هئين تون ڪا شيءِ. چيائين منهنجا رب ڪر مون لاءِ ڪا نشاني.

هن کان اڳ توکي پيدا ڪيو اٿم ۽ تون (اصل) ڪجهہ نہ هئين. زڪريا چيو تہ، اي منهنجا پالڻهار! مون لاءِ ڪا نشاني ڪر!

قَالَ اٰيَتُكَ اَلَّا تُكَلِّمَ النَّاسَ ثَلٰثَ لَيَالٍ سَوِيًّا ۝١٠ فَخَرَجَ عَلٰى قَوْمِهٖ

فرمايائين تنهنجي نشاني هي آهي تہ نہ ڳالهائيندين ماڻهن سان ٽي راتيون صحت هوندي. پوءِ نڪري آيو پنهنجي قوم ڏي

فرمايائين تہ تنهنجي نشاني (هيءَ آهي) تہ ماڻهن سان ساندہ ٽي (ڏينهن) راتيون ڳالهائي نہ سگهندين. پوءِ محراب مان

مِنَ الْمِحْرَابِ فَاَوْحٰۤى اِلَيْهِمْ اَنْ سَبِّحُوْا بُكْرَةً وَّعَشِيًّا ۝١١ يٰيَحْيٰى

حجري کان پوءِ اشارو ڪيائين انهن ڏانهن تہ ساراهيو ڌڻي کي صبح ۽ شام. اي يحيٰ

پنهنجي قوم ڏانهن نڪتو پوءِ انهن ڏانهن اشارو ڏنائين تہ صبح ۽ سانجهيءَ جو (الله جي) پاڪائي بيان ڪريو. (۽ يحيٰ

خُذِ الْكِتٰبَ بِقُوَّةٍ ؕ وَاٰتَيْنٰهُ الْحُكْمَ صَبِيًّا ۝١٢ ۙ وَّحَنَانًا مِّنْ لَّدُنَّا

وٺ ڪتاب مضبوطي سان. ۽ ڏنوسون ان کي حڪم پاراڻپ ۾. ۽ شوق پنهنجي طرفان

جمي ڄڻ ورهين جو ٿيو تہ) چيوسون تہ اي يحيٰ! ڪتاب کي مضبوطيءَ سان وٺ. ۽ ٻاراڻي (عمر) ۾ کيس علم ڏنوسون. ۽ پاڻ وٽان

وَّزَكٰوةً ؕ وَكَانَ تَقِيًّا ۝١٣ ۙ وَّبَرًّۢا بِوَالِدَيْهِ وَلَمْ يَكُنْ جَبَّارًا عَصِيًّا ۝١٤ وَ

۽ پاڪائي. ۽ هئو پرهيزگار. ۽ خدمتگار ماءُ پيءُ جو ۽ نہ هئو اڙو بي چيو. ۽

کيس شفقت ۽ پاڪبازي ڏني سون. ۽ (اهو) پرهيزگار هو. ۽ پنهنجي ماءُ پيءُ سان نيڪي ڪرڻ وارو هو ۽ هٺيلو نافرمان نہ هو.

ع ۵ سَلٰمٌ عَلَيْهِ يَوْمَ وُلِدَ وَيَوْمَ يَمُوْتُ وَيَوْمَ يُبْعَثُ حَيًّا ۝١٥ ع وَاذْكُرْ

سلام آهي ان تي جنهن ڏينهن ڄائو ۽ جنهن ڏينهن مرندو ۽ جنهن ڏينهن اٿاريو ويندو جيئرو ڪري. ۽ بيان ڪر

۽ جنهن ڏينهن ڄائو ۽ جنهن ڏينهن مرندو ۽ جنهن ڏينهن جيئرو ٿي اٿندو (تنهن ڏينهن) مٿس سلام هجي. ۽

فِي الْكِتٰبِ مَرْيَمَ ۘ اِذِ انْتَبَذَتْ مِنْ اَهْلِهَا مَكَانًا شَرْقِيًّا ۙ ﴿١٦﴾ فَاتَّخَذَتْ

ڪتاب ۾ مريم جو جڏهن پرپري ٿي پنهنجي ماڻهن کان اڀرندي طرف. پوءِ ورتائين

مريم (جو قصو) ڪتاب ۾ ياد ڪرا جڏهن پنهنجن گهروارن کان اڀرندي هنڌ پرپري ٿي. پوءِ ڪانئن

مِنْ دُوْنِهِمْ حِجَابًا ۫ فَاَرْسَلْنَآ اِلَيْهَا رُوْحَنَا فَتَمَثَّلَ لَهَا بَشَرًا

اڳيان انهن کان اوٽ. پوءِ موڪليوسون انهيءَ ڏانهن پنهنجو ملڪ پوءِ ٻڻجي آيو ان وٽ جهڙو ماڻهو

هڪ اوٽ ورتائين. پوءِ ڏانهس پنهنجو ملائڪ موڪليوسون پوءِ هو ان جي اڳيان پورو ماڻهو (وانگر)

سَوِيًّا ﴿١٧﴾ قَالَتْ اِنِّيْٓ اَعُوْذُ بِالرَّحْمٰنِ مِنْكَ اِنْ كُنْتَ تَقِيًّا ﴿١٨﴾ قَالَ اِنَّمَآ

صاف. چيائين آءٌ پناهه ٿي وٺان رحمان جي توکان جيڪڏهن تون آهين خوف رکندڙ. چيائين رڳو

ٻڻجي بيٺو. (مريم) چيو آءٌ توکان ٻاجهاري (الله) جي سام پوان ٿي! جيڪڏهن پرهيزگار آهين (ته مون کان پري ٿيءُ).

اَنَا رَسُوْلُ رَبِّكِ ۖ لِاَهَبَ لَكِ غُلٰمًا زَكِيًّا ﴿١٩﴾ قَالَتْ اَنّٰى يَكُوْنُ لِيْ غُلٰمٌ

آءٌ قاصد آهيان تنهنجي رب جو جئن ڏيان توکي ڇوڪرو پاڪ. چيائين ڪٿان ٿيندو مونکي ٻار

ملائڪ چيو ته، آءٌ ته تنهنجي پالڻهار جو هن لاءِ موڪليل آهيان ته توکي پاڪباز نينگر بخشيان. (مريم) چيو ته مون کي ٻار ڪيئن ٿيندو!

وَّلَمْ يَمْسَسْنِيْ بَشَرٌ وَّلَمْ اَكُ بَغِيًّا ﴿٢٠﴾ قَالَ كَذٰلِكِ ۚ قَالَ رَبُّكِ هُوَ

۽ نه هٿ لاتو آهي مونکي ڪنهن انسان ۽ نڪي آهيان آءٌ بدڪار. چيائين ائين ئي ٿيندو، فرمايو تنهنجي رب اهو

جو مون کي ڪنهن ماڻهو نه ڇهيو آهي ۽ نڪي آءٌ بدڪار آهيان. (ملائڪ) چيو ته اهڙيءَ طرح (ٿيڻو) آهي، تنهنجي پالڻهار فرمايو ته اهو

عَلَيَّ هَيِّنٌ ۚ وَلِنَجْعَلَهٗٓ اٰيَةً لِّلنَّاسِ وَرَحْمَةً مِّنَّا ۚ وَكَانَ اَمْرًا

مون تي آسان آهي، ۽ جيئن ته ڪريون ان کي نشاني ماڻهن لاءِ ۽ رحمت پنهنجي طرفان، ۽ آهي اهو ڪم

مون تي سولو آهي، ۽ (هن لاءِ) ته ان کي ماڻهن جي لاءِ پنهنجي طرف کان نشاني ۽ ٻاجهه (جو وسيلو) ڪريون ۽ (اهو) ڪم

مَّقْضِيًّا ﴿٢١﴾ فَحَمَلَتْهُ فَانْتَبَذَتْ بِهٖ مَكَانًا قَصِيًّا ﴿٢٢﴾ فَاَجَآءَهَا

طئي ٿيل. پوءِ پيٽ واري ٿي ان سان پوءِ پري ٿي وئي ان ڪري پري ڪنهن جڳهه تي. پوءِ آندو ان کي

طئي ٿيل آهي. پوءِ ان سان پيٽ ٿيس پوءِ ان سان پرپري هنڌان الڳ ٿي. پوءِ ويم جي سورن

الْمَخَاضُ اِلٰى جِذْعِ النَّخْلَةِ ۚ قَالَتْ يٰلَيْتَنِيْ مِتُّ قَبْلَ هٰذَا

سورن طرف ٿڙ کجيءَ جي، چيائين هاءِ افسوس! مري وڃان ها انهيءَ کان اڳ ۾

کجي جي ٿڙ ڏانهن نيس، چيائين ته جيڪر هن کان اڳ مران ها. ۽ اصل وسري ويل

وَكُنْتُ نَسْيًا مَّنْسِيًّا ﴿٢٣﴾ فَنَادٰىهَا مِنْ تَحْتِهَآ اَلَّا تَحْزَنِيْ قَدْ جَعَلَ

۽ ٿي وڃان ها صفا وسريل. پوءِ سڏ ڪيائين انکي سندس هيٺان کان ته ڏک نه ڪر بيشڪ ڪيو آهي

هجان ها! (ته چڱو هو). پوءِ ڪيس (ملائڪ) سندس هيٺين طرف کان سڏيو ته ڏک نه ڪرا بيشڪ تنهنجي پالڻهار

رَبُّكِ تَحْتَكِ سَرِيًّا ﴿٢٤﴾ وَهُزِّيْٓ اِلَيْكِ بِجِذْعِ النَّخْلَةِ تُسٰقِطْ عَلَيْكِ

تنهنجي رب تنهنجي هيٺان چشمو. ۽ لوڏ پاڻ ڏانهن تڙ کجي جو تہ ڪيرينديي توتي

تنهنجي هيٺان تلاءُ پيدا ڪيو آهي. ۽ کجيءَ جي ٿڙ کي پاڻ ڏانهن ڌوڻ تہ توتي

رُطَبًا جَنِيًّا ﴿٢٥﴾ فَكُلِيْ وَاشْرَبِيْ وَقَرِّيْ عَيْنًا ۚ فَاِمَّا تَرَيِنَّ

ڪتل پڪل. پوءِ کاءُ ۽ پيءُ ۽ ٺار اکيون. پر جيڪڏهن ڏسين

تازيون ڪارڪون ڇاڻي. پوءِ کاءُ ۽ نيڻ ٺار! پوءِ جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي ڏسين

مِنَ الْبَشَرِ اَحَدًا ۙ فَقُوْلِيْٓ اِنِّيْ نَذَرْتُ لِلرَّحْمٰنِ صَوْمًا فَلَنْ اُكَلِّمَ

ماڻهن مان ڪنهن کي تہ چئجانءِ مون باسيو آهي رحمان لاءِ روزو پوءِ هرگز نہ ڳالهائيندس

تہ چئو تہ، آءٌ الله لاءِ روزو باسيو آهي تنهن ڪري ڪنهن ماڻهو سان اڄ اصل نہ ڳالهائيندس.

الْيَوْمَ اِنْسِيًّا ﴿٢٦﴾ ۚ فَاَتَتْ بِهٖ قَوْمَهَا تَحْمِلُهٗ ؕ قَالُوْا يٰمَرْيَمُ لَقَدْ جِئْتِ

اڄ ڪنهين ماڻهو سان. پوءِ آندائين اُن کي پنهنجي قوم ۾ کڻي ڪري، چيائون اي مريم البت آندي تو

پوءِ اُن کي پنهنجي قوم وٽ کڻي آئي، چيائون تہ اي مريم! بيشڪ بڇڙي شيءِ آندي اٿيئي.

شَيْـًٔا فَرِيًّا ﴿٢٧﴾ يٰٓاُخْتَ هٰرُوْنَ مَا كَانَ اَبُوْكِ امْرَاَ سَوْءٍ وَّمَا كَانَتْ

هيءَ شيءِ اوپري. اي ڀيڻ هارون جي نہ هئو پيءُ تنهنجو ماڻهو بڇڙو ۽ نہ هئي

اي هارون جي ڀيڻ! نڪي تنهنجو پيءُ بڇڙو مڙس هو ۽ نڪي ماءُ

اُمُّكِ بَغِيًّا ﴿٢٨﴾ ۖ فَاَشَارَتْ اِلَيْهِ ؕ قَالُوْا كَيْفَ نُكَلِّمُ مَنْ كَانَ فِي الْمَهْدِ

ماءُ تنهنجي بدڪار. پوءِ اشارو ڏنائين انهيءَ ڏانهن، چيائون ڪيئن ڳالهايون ان سان جو آهي پينگهي

بدڪار هئي. پوءِ ڏانهنس اشارو ڏنائين، چيائون تہ جيڪو پينگهي ۾ ٻار آهي، تنهن سان ڪيئن

صَبِيًّا ﴿٢٩﴾ قَالَ اِنِّيْ عَبْدُ اللّٰهِ ۗ وقف اٰتٰنِيَ الْكِتٰبَ وَجَعَلَنِيْ نَبِيًّا ﴿٣٠﴾ ۙ

جو ٻار. ان چيو بيشڪ آءٌ ٻانهو آهيان الله جو، ڏنو اٿائين مونکي ڪتاب ۽ ڪيائين مونکي نبي.

ڳالهايون! (عيسىٰ) چيو تہ، آءٌ الله جو ٻانهو آهيان، مون کي ڪتاب ڏنو اٿس ۽ مون کي پيغمبر ڪيو اٿس.

وَّجَعَلَنِيْ مُبٰرَكًا اَيْنَ مَا كُنْتُ ۠ وَاَوْصٰنِيْ بِالصَّلٰوةِ وَالزَّكٰوةِ

۽ ڪيائين مونکي برڪت وارو جتي بہ هجان ۽ پارت ڪيائين مونکي نماز جي ۽ زڪوات جي

۽ جتي هوندس اتي مون کي برڪت وارو ڪيائين ۽ جيسين جيئرو هوندس تيسين مون کي نماز (پڙهڻ) ۽ زڪوات (ڏيڻ)

مَا دُمْتُ حَيًّا ﴿٣١﴾ ۖ وَّبَرًّاۢ بِوَالِدَتِيْ ۡ وَلَمْ يَجْعَلْنِيْ جَبَّارًا شَقِيًّا ﴿٣٢﴾ وَالسَّلٰمُ

جيستائين جيئرو هجان. ۽ خدمتگار پنهنجي ماءُ جو ۽ نہ ڪيائين مونکي اَرڙو بدبخت. ۽ سلام آهي

جو حڪم ڪيائين. ۽ پنهنجي ماءُ سان چڱائي ڪندڙ (ڪيائين) ۽ مون کي هٺيلو بدبخت نہ ڪيائين. ۽ جنهن

عَلَيَّ يَوْمَ وُلِدْتُّ وَيَوْمَ اَمُوْتُ وَيَوْمَ اُبْعَثُ حَيًّا ﴿٣٣﴾ ذٰلِكَ عِيْسَى

مون تي جنھن ڏينھن چاڄس ۽ جنھن ڏينھن مرندس ۽ جنھن ڏينھن اٿاريو ويندس جيئرو ڪري، اھو آھي عيسيٰ

ڏينھن ڄائس ۽ جنھن ڏينھن مرندس ۽ جنھن ڏينھن وري جيئرو ٿي اٿندس تنھن ڏينھن مون تي سلام آھي. اھو (قصو)

ابْنُ مَرْيَمَ ۚ قَوْلَ الْحَقِّ الَّذِيْ فِيْهِ يَمْتَرُوْنَ ﴿٣٤﴾ مَا كَانَ لِلّٰهِ اَنْ

پٽ مريم جو. چيائين سچي ڳالھ جنھن ۾ ماڻھو شڪ ٿا ڪن. نہ آھي الله اھڙو جو

عيسيٰ پٽ مريم جو آھي، سچي ڳالھ آھي جنھن ۾ (ماڻھو) شڪ ڪندا آھن. الله کي (پاڻ لاءِ)

يَّتَّخِذَ مِنْ وَّلَدٍ ۙ سُبْحٰنَهٗ ۭ اِذَا قَضٰٓى اَمْرًا فَاِنَّمَا يَقُوْلُ لَهٗ كُنْ

رکي اولاد اھو پاڪ آھي، جڏھن ڪندو آھي ڪو ڪم پوءِ رڳو چوندو آھي ان کي ٿيءُ

ڪو پٽ وٺڻ نہ جڳائيندو آھي اھو پاڪ آھي، جڏھن ڪو ڪم ڪندو آھي تڏھن اُن لاءِ رڳو چوندو آھي تہ ٿيءُ

فَيَكُوْنُ ﴿٣٥﴾ۭ وَاِنَّ اللّٰهَ رَبِّيْ وَرَبُّكُمْ فَاعْبُدُوْهُ ۭ هٰذَا صِرَاطٌ مُّسْتَقِيْمٌ ﴿٣٦﴾

تہ ٿي پوندو آھي. ۽ بيشڪ الله آھي پالڻھار منھنجو ۽ پالڻھار توھان جو پوءِ عبادت ڪريوان جي، ھي آھي رستو سڌو.

تہ ٿي پوندو آھي. ۽ الله منھنجو پالڻھار ۽ اوھان جو پالڻھار آھي تنھن ڪري سندس عبادت ڪريو. اِھا سڌي واٽ آھي.

فَاخْتَلَفَ الْاَحْزَابُ مِنْۢ بَيْنِهِمْ ۚ فَوَيْلٌ لِّلَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ مَّشْهَدِ

پوءِ جدا ٿي ويا ٽولا پاڻ ۾، پوءِ ويل آھي انھن لاءِ جن ڪفر ڪيو، ڏسڻ وقت

پوءِ ڪن ٽولين پاڻ ۾ اختلاف ڪيو، پوءِ ڪافرن لاءِ وڏي ڏينھن جي اڏي ٿيڻ کان

يَوْمٍ عَظِيْمٍ ﴿٣٧﴾ اَسْمِعْ بِهِمْ وَاَبْصِرْ ۙ يَوْمَ يَاْتُوْنَنَا لٰكِنِ الظّٰلِمُوْنَ

وڏي ڏينھن ڪي. ڏاڍو ٻڌندا ۽ ڏاڍو ڏسندا جنھن ڏينھن ايندا اسان وٽ پر ظالم

ويل آھي. جنھن ڏينھن اسان وٽ ايندا (تنھن ڏينھن) ڪھڙو نہ چڱو ٻڌندا! ۽ ڪھڙو نہ چڱو ڏسندا! پر ظالم

الْيَوْمَ فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿٣٨﴾ وَاَنْذِرْهُمْ يَوْمَ الْحَسْرَةِ اِذْ قُضِيَ

اڄ ڏينھن گمراھي پڌري ۾ آھن. ۽ ڊيڄار انھن کي افسوس واري ڏينھن کان جنھن وقت پورو ٿي ويندو

اڄ پڌري گمراھيءَ ۾ آھن. ۽ کين پشيماني جي ڏينھن کان ڊيڄار! جنھن ڏينھن ڪم پورو ڪبو.

الْاَمْرُ ۘ وَهُمْ فِيْ غَفْلَةٍ وَّهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿٣٩﴾ اِنَّا نَحْنُ نَرِثُ

ڪم ۽ اھي ھوندا غفلت ۾ ۽ اھي نہ ايمان آڻيندا. اسان ئي مالڪ ھونداسون

۽ اھي غفلت ۾ آھن ۽ اھي ايمان نٿا آڻين. بيشڪ اسين زمين جا

الْاَرْضَ وَمَنْ عَلَيْهَا وَاِلَيْنَا يُرْجَعُوْنَ ﴿٤٠﴾ع وَاذْكُرْ فِي الْكِتٰبِ

زمين جا ۽ جيڪي ان تي آھي ۽ اسان جي طرف کين موٽايو ويندو. ۽ بيان ڪر ڪتاب ۾

۽ جيڪي مٿس آھي تنھن جا وارث آھيون ۽ اسان ڏانھن موٽايا ويندا. ۽ ابراھيم (جو قصو) ڪتاب

وقف لازم

ع ٥

اِبْرٰهِيْمَ ۬ؕ اِنَّهٗ كَانَ صِدِّيْقًا نَّبِيًّا ﴿٤١﴾ اِذْ قَالَ لِاَبِيْهِ يٰۤاَبَتِ لِمَ تَعْبُدُ

ابراهيم جو، بيشڪ اهو هئو سچو نبي، جڏهن چيائين پنهنجي پيءُ کي اي ابا ڇو تو پوڄا ڪرين

۾ ياد ڪر. بيشڪ اهو سچار پيغمبر هو. جڏهن پنهنجي پيءُ کي چيائين ته، اي ابا! جيڪو نه ڪي

مَا لَا يَسْمَعُ وَلَا يُبْصِرُ وَلَا يُغْنِيْ عَنْكَ شَيْـًٔا ﴿٤٢﴾ يٰۤاَبَتِ اِنِّيْ

ان جي جيڪو نه ٻڌي ۽ نه ڏسي ۽ نه ٽاري توکان ڪجهه به. اي منهنجا ابا بيشڪ

ٻڌي. نه ڪي ڏسي ۽ نه ڪي توکان ڪجهه ٽاري تنهن جي پوڄا ڇو ڪندو آهين؟ اي آبا! بيشڪ (الله جي پار

قَدْ جَآءَنِيْ مِنَ الْعِلْمِ مَا لَمْ يَاْتِكَ فَاتَّبِعْنِيْۤ اَهْدِكَ صِرَاطًا سَوِيًّا ﴿٤٣﴾

مون وٽ آيو آهي اهو علم جو نه آيو تو وٽ پوءِ پٺيان لڳ منهنجي ته ڏسيان توکي دڳ سڌو.

کان) مون وٽ (اها) ڄاڻ آئي آهي جا تو وٽ نه آئي آهي تنهن ڪري منهنجي تابعداري ڪر ته توکي سڌو رستو ڏيکاريان.

يٰۤاَبَتِ لَا تَعْبُدِ الشَّيْطٰنَ ؕ اِنَّ الشَّيْطٰنَ كَانَ لِلرَّحْمٰنِ عَصِيًّا ﴿٤٤﴾

اي ابا نه پوڄا ڪر شيطان جي، بيشڪ شيطان آهي الله جو بي فرمان.

اي آبا! شيطان کي نه پوڄ، ڇو ته شيطان الله جو نافرمان آهي.

يٰۤاَبَتِ اِنِّيْۤ اَخَافُ اَنْ يَّمَسَّكَ عَذَابٌ مِّنَ الرَّحْمٰنِ فَتَكُوْنَ

اي ابا آءٌ ڊڄان ٿو متان پهچي توکي عذاب الله جو پوءِ ٿي پوين

اي آبا! آءٌ توتي الله جي عذاب پهچڻ کان ڊڄان ٿو پوءِ متان شيطان

لِلشَّيْطٰنِ وَلِيًّا ﴿٤٥﴾ قَالَ اَرَاغِبٌ اَنْتَ عَنْ اٰلِهَتِيْ يٰۤاِبْرٰهِيْمُ ۚ لَئِنْ

شيطان جو ساٿي. انهيءَ چيو ڇا تون منهن موڙيندڙ آهين منهنجي مالڪن کان اي ابراهيم جيڪڏهن

جو سنگتي ٿئين. (پڻس) چيو ته اي ابراهيم! تون منهنجي معبودن کان ڇو ڦرڻ وارو آهين؟ جيڪڏهن

لَمْ تَنْتَهِ لَاَرْجُمَنَّكَ وَاهْجُرْنِيْ مَلِيًّا ﴿٤٦﴾ قَالَ سَلٰمٌ عَلَيْكَ ۚ سَاَسْتَغْفِرُ

نه مڙئين ته پٿر هڻندس توکي ۽ ٿري وڃ مونکان ڪو وقت. چيائين سلام هجي توتي، جلد معافي گهرندس

نه روڪبين ته توکي ضرور پٿرن سان ماريندس ۽ گهڻي مدت مون کان پاسي ٿيءُ. (ابراهيم) چيو ته توتي سلام هجي!

لَكَ رَبِّيْ ؕ اِنَّهٗ كَانَ بِيْ حَفِيًّا ﴿٤٧﴾ وَاَعْتَزِلُكُمْ وَمَا تَدْعُوْنَ

تو لاءِ پنهنجي رب کان، بيشڪ اهو آهي مون تي مهربان. ۽ آءٌ ڇڏي وڃان ٿو توهان کي ۽ جن کي پڪاريندا آهيو

آءٌ تولاءِ پنهنجي پالڻهار کان بخشش گهرندس، ڇو ته اهو مون تي مهربان آهي. ۽ الله کان سواءِ جن کي سڏيندا آهيو تن کان ۽

مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَاَدْعُوْا رَبِّيْ ۫ۖ عَسٰۤى اَلَّاۤ اَكُوْنَ بِدُعَآءِ رَبِّيْ شَقِيًّا ﴿٤٨﴾

الله کان سواءِ ۽ آءٌ دعا گهران ٿو پنهنجي رب کان، اميد آهي ته نه ٿيندس پنهنجي رب جي دعا کان بي نصيب.

اوهان کان پاسو ڪريان ٿو ۽ پنهنجي پالڻهار جي عبادت ڪندس، اميد آهي ته پنهنجي رب جي دعا سان بدبخت نه ٿيندس.

فَلَمَّا اعْتَزَلَهُمْ وَمَا يَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ ۙ وَهَبْنَا لَهٗۤ اِسْحٰقَ

پوءِ جڏهن پاسيرو ٿيو انهن کان ۽ جن جي اهي پوڄا ڪندا هئا اللہ کان سواءِ تہ ڏنوسون انکي اسحاق

پوءِ جڏهن ڪانئن ۽ اللہ کان سواءِ جن کي پوڄيندا هئا تن کان پاسو ڪيائين (تڏهن) کيس اسحاق ۽ يعقوب عطا ڪيوسون.

وَيَعْقُوْبَ ؕ وَكُلًّا جَعَلْنَا نَبِيًّا ﴿۴۹﴾ وَوَهَبْنَا لَهُمْ مِّنْ رَّحْمَتِنَا وَ

۽ يعقوب. ۽ هرهڪ کي ڪيوسون نبي. ۽ ڏنوسون انهن کي پنهنجي رحمت مان ۽

۽ هر هڪ کي پيغمبر ڪيوسون. ۽ کين پنهنجي ٻاجهہ مان (گهڻيون شيون) عطا ڪيون سون ۽

جَعَلْنَا لَهُمْ لِسَانَ صِدْقٍ عَلِيًّا ﴿۵۰﴾ ع وَاذْكُرْ فِي الْكِتٰبِ مُوْسٰۤى ز ع ۳

ڪيوسون انهن جو ٻول سچو مٿانهون. ۽ بيان ڪر ڪتاب ۾ موسيٰ جو

انهن جي نيڪ نامي بلند ڪئي سون. ۽ ڪتاب ۾ موسيٰ (جو قصو) ياد ڪر! بيشڪ

اِنَّهٗ كَانَ مُخْلَصًا وَّكَانَ رَسُوْلًا نَّبِيًّا ﴿۵۱﴾ وَنَادَيْنٰهُ مِنْ جَانِبِ

بيشڪ اهو هئو چونڊيل ۽ هئو رسول نبي. ۽ سڏيوسون انهي کي طور جي

اهو چونڊيل هو ۽ پيغمبر نبي هو. ۽ طور (جبل) جي سڄي پر کان کيس سڏيوسون

الطُّوْرِ الْاَيْمَنِ وَقَرَّبْنٰهُ نَجِيًّا ﴿۵۲﴾ وَوَهَبْنَا لَهٗ مِنْ رَّحْمَتِنَاۤ اَخَاهُ

پاسي ساڄي کان ۽ ويجهو ڪيوسون ان کي ڳالهائڻ لاءِ. ۽ ڏنوسون ان کي پنهنجي رحمت مان سندس ڀاءُ

۽ همراز ٿيڻ لاءِ کيس ويجهو ڪيوسون. ۽ پنهنجي ٻاجهہ سان سندس ڀاءُ هارون پيغمبر ڪري کيس

هٰرُوْنَ نَبِيًّا ﴿۵۳﴾ وَاذْكُرْ فِي الْكِتٰبِ اِسْمٰعِيْلَ ز اِنَّهٗ كَانَ صَادِقَ الْوَعْدِ

هارون نبي ڪري. ۽ بيان ڪر ڪتاب ۾ اسماعيل جو اهو هئو سچو وعدي جو

عطا ڪيوسون. ۽ ڪتاب ۾ اسماعيل (جو قصو) ياد ڪر! بيشڪ اهو انجام جو پورو

وَكَانَ رَسُوْلًا نَّبِيًّا ﴿۵۴﴾ ج وَكَانَ يَاْمُرُ اَهْلَهٗ بِالصَّلٰوةِ وَالزَّكٰوةِ ص وَكَانَ

۽ هئو رسول نبي. ۽ حڪم ڪندو هئو پنهنجي گهروارن کي نماز ۽ زڪوات جو ۽ هئو

۽ پيغمبر نبي هو. ۽ پنهنجي گهر وارن کي نماز ۽ زڪوات جو حڪم ڪندو هو ۽

عِنْدَ رَبِّهٖ مَرْضِيًّا ﴿۵۵﴾ وَاذْكُرْ فِي الْكِتٰبِ اِدْرِيْسَ ز اِنَّهٗ كَانَ صِدِّيْقًا

پنهنجي پروردگار جو پيارو. ۽ بيان ڪر ڪتاب ۾ ادريس جو اهو هئو سچو

پنهنجي پالڻهار وٽ پسند هو. ۽ ڪتاب ۾ ادريس (جو قصو) ياد ڪر! بيشڪ اهو سچار

نَّبِيًّا ﴿۵۶﴾ قلے وَّرَفَعْنٰهُ مَكَانًا عَلِيًّا ﴿۵۷﴾ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ اَنْعَمَ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ

نبي. ۽ ڪليوسون انهيءَ کي جاءِ مٿين ڏانهن. هي اهي آهن انعام ڪيو الله جن

پيغمبر هو. ۽ وڏي مرتبي ڪري سندس مانُ مٿاهون ڪيوسون. اهي آهن جن تي الله فضل ڪيو

مِّنَ النَّبِيّٖنَ مِنْ ذُرِّيَّةِ اٰدَمَ ق وَمِمَّنْ حَمَلْنَا مَعَ نُوْحٍ ز وَّ
پيغمبرن تي آدم جي اولاد مان ۽ انهن مان جنکي سوار ڪيوسون نوح سان گڏ ۽
آدم جي اولاد منجهان پيغمبرن مان ۽ جن کي نوح سان (ٻيڙي ۾) کنيوسون ۽

مِنْ ذُرِّيَّةِ اِبْرٰهِيْمَ وَاِسْرَآءِيْلَ ز وَمِمَّنْ هَدَيْنَا وَاجْتَبَيْنَا ط اِذَا تُتْلٰى
اولاد ابراهيم ۽ يعقوب جي مان ۽ انهن مان جنکي هدايت ڏني سون ۽ چونڊيوسون جڏهن پڙهبيون
ابراهيم ۽ يعقوب جي اولاد مان ۽ جن کي هدايت ڪئي سون ۽ چونڊيوسون (تن مان آهن) جڏهن

السجدة ٥

عَلَيْهِمْ اٰيٰتُ الرَّحْمٰنِ خَرُّوْا سُجَّدًا وَّبُكِيًّا ۩ ﴿٥٨﴾ فَخَلَفَ مِنْ بَعْدِهِمْ
هيون انهن تي آيتون الله جون تہ ڪري پوندا سجدي ۾ روئندي. وري آيا انهن کان پوءِ
الله جون آيتون کين پڙهي ٻڌائبيون هيون تڏهن سجدو ڪندڙ ۽ روئندڙ ٿي ڪري پوندا هئا. پوءِ سندن پوئتان

خَلْفٌ اَضَاعُوا الصَّلٰوةَ وَاتَّبَعُوا الشَّهَوٰتِ فَسَوْفَ يَلْقَوْنَ غَيًّا ﴿٥٩﴾ لا
نااهل جن وڃايو نماز کي ۽ پٺيان لڳا خواهشن جي پوءِ جلد پوندا دوزخ جي تري ۾.
ڪيترا نااهل پيڙهي تي ويٺا (جن) نماز ڇڏي ڏنائون ۽ خواهشن جي پٺيان لڳا پوءِ سگهو گمراهيءَ جي سزا لهندا.

اِلَّا مَنْ تَابَ وَاٰمَنَ وَعَمِلَ صَالِحًا فَاُولٰٓئِكَ يَدْخُلُوْنَ الْجَنَّةَ
مگر جنهن توبہ ڪئي ۽ ايمان آندو ۽ ڪم چڱا ڪيا پوءِ اهي داخل ٿيندا جنت ۾
پر جن توبهه ڪئي ۽ ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا سي بهشت ۾ گهڙندا ۽

وَلَا يُظْلَمُوْنَ شَيْئًا ﴿٦٠﴾ لا جَنّٰتِ عَدْنِ ن الَّتِيْ وَعَدَ الرَّحْمٰنُ عِبَادَهٗ
۽ نہ ظلم ڪيا ويندا ڪجهہ. باغ رهڻ لاءِ جن جو وعدو ڪيو آهي الله پنهنجي ٻانهن سان
مٿن ڪوبہ ظلم نہ ڪبو. هميشہ جا باغ آهن جن لاءِ الله پنهنجن ٻانهن سان پرپٺ انجام ڪيو آهي.

بِالْغَيْبِ ط اِنَّهٗ كَانَ وَعْدُهٗ مَاْتِيًّا ﴿٦١﴾ لَا يَسْمَعُوْنَ فِيْهَا لَغْوًا اِلَّا سَلٰمًا ط
پرپٺ. بيشڪ آهي ان جو وعدو اچڻ وارو. نہ ٻڌندا اتي بڪواس پر سلام.
بيشڪ سندس انجام پهچڻو آهي. اُن ۾ سلام کان سواءِ (ٻي) ڪا بيهودي ڳالهہ نہ ٻڌندا.

وَلَهُمْ رِزْقُهُمْ فِيْهَا بُكْرَةً وَّعَشِيًّا ﴿٦٢﴾ تِلْكَ الْجَنَّةُ الَّتِيْ نُوْرِثُ
۽ انهن لاءِ هوندو رزق اتي صبح ۽ شام. هي اهو بهشت آهي جو وارث ڪنداسون
۽ منجهس انهن لاءِ صبح ۽ سانجهيءَ جو سندن روزي آهي. اهو بهشت اهو آهي جو منهنجن ٻانهن مان جيڪو

مِنْ عِبَادِنَا مَنْ كَانَ تَقِيًّا ﴿٦٣﴾ وَمَا نَتَنَزَّلُ اِلَّا بِاَمْرِ رَبِّكَ ج لَهٗ مَا
پنهنجي ٻانهن مان انهن کي جي آهن پرهيزگار. ۽ نہ تا لهون اسان مگر تنهنجي رب جي حڪم سان ان جو ئي آهي جيڪي
پرهيزگار ٿيندو تنهن کي (اُن جو) وارث ڪنداسون. ۽ (ملائڪن چيو تہ) تنهنجي پالڻهار جي حڪم کان سواءِ نہ لهندا آهيون. جيڪي اسان جي

بَيْنَ اَيْدِيْنَا وَمَا خَلْفَنَا وَمَا بَيْنَ ذٰلِكَ ۚ وَمَا كَانَ رَبُّكَ نَسِيًّا ﴿٦٤﴾ ۚ رَبُّ

اسان جي اڳيان آهي ۽ اسان جي پٺيان آهي ۽ جو ان جي وچ ۾ آهي، ۽ ناهي تنهنجو رب وساريندڙ، پاليندڙ

آڏو آهي ۽ جيڪي اسان جي پويان آهي ۽ جيڪي انهن جي وچ ۾ آهي تنهن جي (سڀ خبر) ان کي آهي، ۽ تنهنجو پالڻهار وسارڻ وارو نہ آهي.

السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا فَاعْبُدْهُ وَاصْطَبِرْ لِعِبَادَتِهٖ ؕ هَلْ

آسمانن جو ۽ زمين جو ۽ جيڪي انهن جي وچ ۾ آهي پوءِ تون عبادت ڪر انهيءَ جي ۽ مضبوط رهہ ان جي عبادت تي. ڇا

آسمان ۽ زمين جو ۽ جيڪي سندن وچ ۾ آهي تنهن جو پالڻهار آهي پوءِ سندس عبادت ڪر ۽ سندس عبادت تي صبر ڪر (يعني مضبوط رهہ).

تَعْلَمُ لَهٗ سَمِيًّا ﴿٦٥﴾ ع وَيَقُوْلُ الْاِنْسَانُ ءَاِذَا مَا مِتُّ لَسَوْفَ اُخْرَجُ ع ١٥

تون ڄاڻين ٿو ڪو ان جي نالي وارو. ۽ چوي ٿو انسان ڇا جڏهن آءٌ مرندس تہ اٿاريو ويندس

تون ان نالي وارو ڪو ڄاڻندو آهين ڇا؟ ۽ ماڻهو چوندو آهي تہ جڏهن مرندس (تڏهن) جيئرو ٿي ڪڍبس ڇا؟.

حَيًّا ﴿٦٦﴾ اَوَلَا يَذْكُرُ الْاِنْسَانُ اَنَّا خَلَقْنٰهُ مِنْ قَبْلُ وَلَمْ يَكُ شَيْـًٔا ﴿٦٧﴾

جيئرو ڪري. ڇا نہ ٿو ياد ڪري اهو ماڻهو تہ اسان ئي پيدا ڪيو انهي کي اڳ ۾ ۽ نہ هئو ڪا شيءِ.

انسان کي ياد نہ آهي ڇا تہ کيس اڳ پيدا ڪيوسون حالانڪ ڪجهہ بہ نہ هو؟.

فَوَرَبِّكَ لَنَحْشُرَنَّهُمْ وَالشَّيٰطِيْنَ ثُمَّ لَنُحْضِرَنَّهُمْ حَوْلَ جَهَنَّمَ جِثِيًّا ﴿٦٨﴾ ۚ

پوءِ قسم تنهنجي رب جو تہ ضرور گڏ ڪنداسون انهن کي ۽ شيطانن کي پوءِ آڻينداسون انهن کي دوزخ جي چوڌاري گوڏن ڀر.

پوءِ تنهنجي رب جو قسم آهي! تہ انهن کي ۽ شيطانن کي گڏ ڪنداسون وري دوزخ جي چوڌاري کين گوڏن ڀر حاضر ڪنداسون.

ثُمَّ لَنَنْزِعَنَّ مِنْ كُلِّ شِيْعَةٍ اَيُّهُمْ اَشَدُّ عَلَى الرَّحْمٰنِ عِتِيًّا ﴿٦٩﴾ ۚ

پوءِ جدا ڪنداسون هر ٽولي مان جيڪو انهن مان ڏاڍو هئو رحمان تي آڪڙيل.

وري هرهڪ ٽوليءَ مان اهڙن (ماڻهن) کي ڌار ڪنداسون جن انهن مان ٻاجهاري (الله) جي سخت نافرماني ڪئي.

ثُمَّ لَنَحْنُ اَعْلَمُ بِالَّذِيْنَ هُمْ اَوْلٰى بِهَا صِلِيًّا ﴿٧٠﴾ وَاِنْ مِّنْكُمْ اِلَّا

پوءِ اسين گهڻو ڄاڻون ٿا انهنکي جيڪي اهي لائق آهن ان ۾ پوڻ جا. ۽ ناهي ڪو بہ توهان مان مگر

وري جيڪي ان (جهنم) ۾ گهڙڻ جا وڏيڪ حقدار آهن تن کي اسين چڱيءَ طرح ڄاڻندا آهيون. ۽ اوهان مان ڪو

وَارِدُهَا ۚ كَانَ عَلٰى رَبِّكَ حَتْمًا مَّقْضِيًّا ﴿٧١﴾ ۚ ثُمَّ نُنَجِّي الَّذِيْنَ اتَّقَوْا وَّ

اتي ايندو اهو آهي تنهنجي رب جو پڪو فيصلو ٿيل. پوءِ بچائينداسون انهن کي جيڪي پرهيز ڪن ٿا ۽

(اهڙو) ڪونهي جو ان (جهنم) تي اچڻ وارو نہ آهي، تنهنجي پالڻهار تي اهو (انجام) لازم مقرر آهي. وري پرهيزگارن کي

نَذَرُ الظّٰلِمِيْنَ فِيْهَا جِثِيًّا ﴿٧٢﴾ وَاِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِمْ اٰيٰتُنَا بَيِّنٰتٍ قَالَ

ڇڏينداسون ڏوهارين کي ان ۾ گوڏن ڀر. ۽ جڏهن پڙهجن ٿيون انهن تي اسان جون آيتون چٽيون چون ٿا

بچائينداسون ۽ ظالمن کي منجهس ڪرونڊڙو ڇڏينداسون. ۽ جڏهن اسان جون چٽيون آيتون انهن کي پڙهي ٻڌائبيون آهن

اَلَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا لِلَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡٓا ۙ اَىُّ الۡفَرِيۡقَيۡنِ خَيۡرٌ مَّقَامًا وَّاَحۡسَنُ

كفر وارا ايمان وارن کي تہ کھڙو ٻنهي تولن مان ڀلو آهي درجي ۾ ۽ معتبر

(تڏهن) ڪافر مومنن کي چوندا آهن تہ ٻنهي تولين مان ڪير مرتبي جي ڪري بهتر ۽ مجلس جي ڪري معتبر آهي؟.

نَدِيًّا ﴿٧٣﴾ وَكَمۡ اَهۡلَكۡنَا قَبۡلَهُمۡ مِّنۡ قَرۡنٍ هُمۡ اَحۡسَنُ اَثَاثًا وَّرِءۡيًا ﴿٧٤﴾

مجلس ۾. ۽ ڪيترين ئي هلاڪ ڪيون سون انهن کان اڳي قومون جي بهتر هيون سامان ۾ ۽ ڏيک ويک ۾.

۽ ڪانئن اڳ ڪيترائي جڳ ناس ڪياسون جو اهي (ظاهري ساز) سامان ۽ ڏيک ويک جي ڪري وڌيڪ چڱا هئا.

قُلۡ مَنۡ كَانَ فِى الضَّلٰلَةِ فَلۡيَمۡدُدۡ لَهُ الرَّحۡمٰنُ مَدًّا ۚ حَتّٰٓى اِذَا رَاَوۡا

چئو جيڪو آهي گمراهي ۾ پوءِ ڀلي ڍر ڏئي انهيءَ کي الله ڊگهي. ايستائين جو ڏسن

چئو تہ، جيڪو گمراهيءَ ۾ آهي تنهن کي الله وڌيڪ وڌائيندو آهي، تان جو جيڪو

مَا يُوۡعَدُوۡنَ اِمَّا الۡعَذَابَ وَاِمَّا السَّاعَةَ ؕ فَسَيَعۡلَمُوۡنَ مَنۡ هُوَ

اها شيءِ جنهن جو ساڻن وعدو ڪيل آهي يا عذاب يا قيامت، پوءِ سمجهي ويندا تہ ڪنهن جي آهي

انجام يا تہ عذاب جو يا قيامت جو (ساڻن) ڪيو ويو سو جڏهن ڏسندا، تڏهن هو ڄاڻندا تہ

شَرٌّ مَّكَانًا وَّاَضۡعَفُ جُنۡدًا ﴿٧٥﴾ وَيَزِيۡدُ اللّٰهُ الَّذِيۡنَ اهۡتَدَوۡا هُدًى ؕ

بڇڙي جاءِ ۽ ڪمزور فوج. ۽ وڌائي ٿو الله هدايت وارن جي هدايت کي،

بڇڙي ماڳ وارو ۽ لشڪر جي ڪري وڌيڪ هيڻو ڪير آهي!. ۽ الله هدايت وارن کي هدايت ۾ وڌائيندو آهي،

وَالۡبٰقِيٰتُ الصّٰلِحٰتُ خَيۡرٌ عِنۡدَ رَبِّكَ ثَوَابًا وَّخَيۡرٌ مَّرَدًّا ﴿٧٦﴾ اَفَرَءَيۡتَ

۽ باقي رهندڙ نيڪيون ڀليون آهن تنهنجي رب وٽ ثواب ۾ ۽ ڀليون آهن موٽ ۾. ڇا پوءِ ڏٺو تو

۽ باقي رهندڙ نيڪيون تنهنجي پالڻهار وٽ ثواب ڪري ڀليون ۽ موٽ ڪري چڱيون آهن. (اي پيغمبر!) انهيءَ کي

الَّذِىۡ كَفَرَ بِاٰيٰتِنَا وَقَالَ لَاُوۡتَيَنَّ مَالًا وَّوَلَدًا ﴿٧٧﴾ اَطَّلَعَ الۡغَيۡبَ

اهو جنهن ڪفر ڪيو اسان جي آيتن جو ۽ چيائين ضرور ملندو مونکي مال ۽ اولاد. ڇا اهو واقف ٿيو آهي ڳجهہ تي

نہ ڏٺو اٿيئي ڇا جنهن اسان جي آيتن کي نہ مڃيو ۽ چيائين تہ مون کي مال ۽ اولاد ضرور ڏنو ويندو؟ (اهو) ڳجهہ ڄاڻندو آهي ڇا

اَمِ اتَّخَذَ عِنۡدَ الرَّحۡمٰنِ عَهۡدًا ﴿٧٨﴾ كَلَّا ؕ سَنَكۡتُبُ مَا يَقُوۡلُ وَنَمُدُّ

يا ورتائين الله وٽان ڪو وعدو. ائين ناهي، اجهو اسان لکون ٿا جيڪي چوي ٿو ۽ انگهائيندا سون

يا الله وٽان ڪو انجام ورتو اٿس؟. ائين (هرگز) نہ آهي، جيڪي چوندو آهي سو سگهوئي لکنداسون ۽

لَهٗ مِنَ الۡعَذَابِ مَدًّا ﴿٧٩﴾ وَّنَرِثُهٗ مَا يَقُوۡلُ وَيَاۡتِيۡنَا فَرۡدًا ﴿٨٠﴾ وَاتَّخَذُوۡا

ان لاءِ عذاب کي ڊگهو ڪري. ۽ اسان مالڪ آهيون ان جا جيڪي چوي ٿو ۽ ايندو اسان وٽ اڪيلو. ۽ بڻايائون

ان لاءِ ڊگهو عذاب وڌائيندا سون. ۽ جيڪي چوي ٿو سو ڪانئس کسينداسون ۽ اسان وٽ اڪيلو ايندو. ۽

مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ اٰلِهَةً لِّيَكُوْنُوْا لَهُمْ عِزًّا ﴿٨١﴾ كَلَّا ط سَيَكْفُرُوْنَ
الله کان سواءِ ٻيا آڳا جيئن ٿين اهي انهن جا مددگار. ائين ناهي. اجهو اهي انڪار ڪندا
الله کان سواءِ ٻيا معبود هن لاءِ ورتا اٿن تہ اُنهن لاءِ مانَ جو سبب ٿين. ائين (اصل) نہ آهي. (اهي) سندن پوڄا جو انڪار

بِعِبَادَتِهِمْ وَيَكُوْنُوْنَ عَلَيْهِمْ ضِدًّا ﴿٨٢﴾ اَلَمْ تَرَ اَنَّآ اَرْسَلْنَا الشَّيٰطِيْنَ ع ٧ ٨
انهن جي عبادت جو ۽ ٿيندا انهن جا مخالف. ڇا تو نہ ڏٺو تہ اسان ڇڏيا آهن شيطان
ڪندا ۽ انهن جا دشمن (۽ مخالف) ٿيندا. (اي پيغمبرا) نہ ڏٺو اٿيئي ڇا تہ شيطانن کي ڪافرن تي موڪليو سون

عَلَى الْكٰفِرِيْنَ تَؤُزُّهُمْ اَزًّا ﴿٨٣﴾ فَلَا تَعْجَلْ عَلَيْهِمْ ط اِنَّمَا نَعُدُّ لَهُمْ
منڪرن تي جيڪي اڀارين ٿا انهن کي ڏاڍو. پوءِ نہ تڪڙ ڪر انهن تي، رڳو اسين ڳڻيون ٿا انهن جو
تہ (اهي) ڪين لوڏا ڏيئي ڏوڙين؟ پوءِ مٿن (عذاب جي) تڪڙ نہ ڪرا اسين اُنهن لاءِ (سندن عملن ۽ ڏينهن جي پوري) ڳڻ

عَدًّا ﴿٨٤﴾ ج يَوْمَ نَحْشُرُ الْمُتَّقِيْنَ اِلَى الرَّحْمٰنِ وَفْدًا ﴿٨٥﴾ لا وَّنَسُوْقُ الْمُجْرِمِيْنَ
وقت. جنهن ڏينهن گڏ ڪنداسون پرهيزگارن کي رحمان وٽ مهمان ڪري. ۽ هڪليندا سون ڏوهارين کي
ڳڻيندا آهيون. اُن ڏينهن پرهيزگارن کي مهمانن وانگر ٻاجهاري (الله) وٽ گڏ ڪنداسون. ۽ ڏوهين کي

اِلٰى جَهَنَّمَ وِرْدًا ﴿٨٦﴾ لَا يَمْلِكُوْنَ الشَّفَاعَةَ اِلَّا مَنِ اتَّخَذَ وقف لازم
دوزخ ڏانهن اڃايل ڪري. اهي نہ مالڪ ٿيندا سفارش جا مگر جنهن ورتو
دوزخ ڏانهن اُڃو روانو ڪنداسون. جنهن الله وٽان انجام ورتو تنهن کان سواءِ (ٻيا ڪي) شفاعت ڪري نہ سگهندا.

عِنْدَ الرَّحْمٰنِ عَهْدًا ﴿٨٧﴾ م وَقَالُوا اتَّخَذَ الرَّحْمٰنُ وَلَدًا ﴿٨٨﴾ ط لَقَدْ جِئْتُمْ شَيْـًٔا وقف لازم
الله وٽان وعدو. ۽ چون ٿا ورتي آهي الله اولاد. بيشڪ آندي اٿو ڳالهہ
۽ چوندا آهن تہ الله پاڻ لاءِ اولاد ورتو آهي. (چئبن تہ) بيشڪ اوهان بڇڙي شيءِ آندي!.

اِدًّا ﴿٨٩﴾ لا تَكَادُ السَّمٰوٰتُ يَتَفَطَّرْنَ مِنْهُ وَتَنْشَقُّ الْاَرْضُ وَتَخِرُّ الْجِبَالُ
ڳري. جو آسمان ڦاٽن تي آهن انهي کان ۽ چيرجڻ تي آهي ڌرتي ۽ ڌهي پون جبل
اُنهيءَ (چوڻ) کان اجهو آسمان ڦاٽڪي پوندا ۽ زمين ڦاٽي پوندي ۽ جبل ذرا ذرا ٿي ڪرندا!.

هَدًّا ﴿٩٠﴾ لا اَنْ دَعَوْا لِلرَّحْمٰنِ وَلَدًا ﴿٩١﴾ ج وَمَا يَنْۢبَغِيْ لِلرَّحْمٰنِ اَنْ يَّتَّخِذَ
پورپور ٿي. جو چون ٿا رحمان جي لاءِ اولاد. ۽ نہ ٿي سونهين رحمان کي اولاد
انهيءَ سببان جو (اُنهن) الله لاءِ پٽ (ٺاهي) سڏيا. ۽ الله کي اولاد وٺڻ نہ جڳائيندو آهي.

وَلَدًا ﴿٩٢﴾ ط اِنْ كُلُّ مَنْ فِى السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ اِلَّآ اٰتِى الرَّحْمٰنِ عَبْدًا ﴿٩٣﴾ ط
رکڻ. ناهي ڪوبہ جيڪو آسمانن ۽ زمين ۾ هجي مگر ايندو رحمان جو ٻانهو ٿي.
جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهن سي سڀ الله وٽ ٻانها ٿي ايندا.

لَقَدْ اَحْصٰىهُمْ وَعَدَّهُمْ عَدًّا ﴿٩٤﴾ وَكُلُّهُمْ اٰتِيْهِ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ

يقينن شمار ڪيائين انهن جو ۽ ڳڻيائين انهن کي پورو. ۽ هرهڪ انهن مان ايندو انهي وٽ قيامت ڏينهن

بيشڪ (الله) ڪين شمار ڪيو آهي ۽ سندن تعداد ڳڻيو اٿس. ۽ قيامت جي ڏينهن انهن مان هرهڪ

فَرْدًا ﴿٩٥﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ سَيَجْعَلُ لَهُمُ

اڪيلو ٿي. بيشڪ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ ڪيائون ڪم چڱا تڪندو انهن کي

وٽس اڪيلو ايندو. بيشڪ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن لاءِ الله سگهو محبت

الرَّحْمٰنُ وُدًّا ﴿٩٦﴾ فَاِنَّمَا يَسَّرْنٰهُ بِلِسَانِكَ لِتُبَشِّرَ بِهِ الْمُتَّقِيْنَ

رحمان پيار. پوءِ اسان سولو ڪيو آهي قرآن تنهنجي زبان تي جيئن خوشخبري ڏئين ان سان ڊڄندڙن کي

پيدا ڪندو. پوءِ اهو (قرآن) تنهنجي زبان تي رڳو هن لاءِ آسان ڪيوسون ته (تون) ساڻس پرهيزگارن

وَتُنْذِرَ بِهٖ قَوْمًا لُّدًّا ﴿٩٧﴾ وَكَمْ اَهْلَكْنَا قَبْلَهُمْ مِّنْ قَرْنٍ ؕ هَلْ

۽ ڊيڄارين انهي سان قوم جهڳڙالو کي. ۽ ڪيترين هلاڪ ڪيون سين انهن کان اڳ قومون، ڇا

کي خوش خبري ڏئين ۽ ان سان جهڳڙالو قوم کي ڊيڄارين. ۽ ڪانئن اڳ ڪيترا جڳ ناس ڪياسون.

تُحِسُّ مِنْهُمْ مِّنْ اَحَدٍ اَوْ تَسْمَعُ لَهُمْ رِكْزًا ﴿٩٨﴾ ع

پسين ٿو انهن مان ڪوئي هڪڙو يا ٻڌين ٿو انهن جي ڪا ڀڻڪ.

منجهانئن ڪنهن هڪ جو پتو لهين ٿو ڇا يا سندن ڀڻڪ ٻڌين ٿو ڇا؟.

سُوْرَةُ طٰهٰ مَكِّيَّةٌ ‏ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ‏ اٰيَاتُهَا ١٣٥ ‏ رُكُوْعَاتُهَا ٨

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

طٰهٰ ﴿١﴾ مَآ اَنْزَلْنَا عَلَيْكَ الْقُرْاٰنَ لِتَشْقٰٓى ﴿٢﴾ اِلَّا تَذْكِرَةً لِّمَنْ

طٰهٰ نه لاٿو آهي اسان توتي هيءُ قرآن ته مصيبت ۾ پوين. پر نصيحت آهي انهي لاءِ

طٰهٰ توتي قرآن هن لاءِ نه لاٿوسون ته تون اوکو ٿئين. پر جيڪو ڊڄي تنهن جي نصيحت ڏيڻ لاءِ (لاٿوسون).

يَّخْشٰى ﴿٣﴾ تَنْزِيْلًا مِّمَّنْ خَلَقَ الْاَرْضَ وَالسَّمٰوٰتِ الْعُلٰى ﴿٤﴾ اَلرَّحْمٰنُ

جيڪو خوف رکي. لاٿل آهي ان جو جنهن پيدا ڪيو زمين ۽ آسمانن مٿانهن کي. اهو ٻاجهارو

انهي (جي طرف) کان لهڻ وارو آهي جنهن زمين کي ۽ بلند آسمانن کي بڻايو آهي. (اهو) ٻاجهارو

عَلَى الْعَرْشِ اسْتَوٰى ﴿٥﴾ لَهٗ مَا فِى السَّمٰوٰتِ وَمَا فِى الْاَرْضِ وَ

عرش تي قائم آهي. ان جو آهي جيڪي آسمان ۾ آهي ۽ جيڪي ڌرتي ۾ آهي ۽

عرش تي قائم آهي. جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي ۽ جيڪي ٻنهي جي وچ ۾

مَا بَيْنَهُمَا وَمَا تَحْتَ الثَّرٰى ⑥ وَاِنْ تَجْهَرْ بِالْقَوْلِ فَاِنَّهٗ يَعْلَمُ

جيڪي انهن ٻنهي جي وچ ۾ آهي ۽ جيڪي هيٺ آلي مٽي کان آهي. ۽ جيڪڏهن ڏاڍيان ڳالهائيندين پوءِ اهو ته ڄاڻي ٿو

آهي ۽ جيڪي زمين جي تري هيٺان آهي سو اُن جو آهي. ۽ جيڪڏهن (تون ٻل) ڏاڍيان ڳالهائين ته بيشڪ اهو

السِّرَّ وَاَخْفٰى ⑦ اَللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ؕ لَهُ الْاَسْمَآءُ الْحُسْنٰى ⑧ وَهَلْ

هوريان کي ۽ تمام لڪل کي. الله ئي آهي جنهن کان سواءِ ڪنهن جي عبادت ڪانهي. انهي جا نالا سهڻا آهن. ۽ ڇا

لڪ (ڳجهه) ۽ صفا آهستي (ڇپيل ڳالهه سڀ) ڄاڻندو آهي. الله (اهو آهي جو) اُن کان سواءِ ٻيو ڪوبه معبود نه آهي، اُن جا نالا تمام سهڻا آهن.

وقف لازم

اَتٰىكَ حَدِيْثُ مُوْسٰى ۘ⑨ اِذْ رَاٰ نَارًا فَقَالَ لِاَهْلِهِ امْكُثُوْٓا اِنِّيْٓ

پهتي تو وٽ خبر موسيٰ جي. جڏهن ڏٺائين باهه کي پوءِ چيائين پنهنجي گهروارن کي ترسو مون

۽ (اي پيغمبرا) توکي موسيٰ جي ڳالهه نه پهتي آهي ڇا؟ جڏهن باهه ڏٺائين تڏهن پنهنجي گهر جي ڀاتين کي چيائين ته ترسو!

اٰنَسْتُ نَارًا لَّعَلِّيْٓ اٰتِيْكُمْ مِّنْهَا بِقَبَسٍ اَوْ اَجِدُ عَلَى النَّارِ هُدًى ⑩

ڏٺي آهي باهه شايد ڪٿي اچان توهان وٽ اُن مان چوچڙي يا لهي اچان باهه تان ڪو ڏس.

جو مون باهه ڏٺي آهي اُميد ته منجهانئس ڪو اڱر اوهان وٽ ڪٿي اچان يا باهه تي ڪو (دڳ جي) ڏس ڏيڻ وارو لهان.

فَلَمَّآ اَتٰىهَا نُوْدِيَ يٰمُوْسٰى ؕ⑪ اِنِّيْٓ اَنَا رَبُّكَ فَاخْلَعْ نَعْلَيْكَ ۚ اِنَّكَ

پوءِ جڏهن آيو اتي سڏ ٿيس اي موسيٰ! آءٌ آهيان رب تنهنجو پوءِ لاهه جتي پنهنجي جو تون آهين

پوءِ جنهن مهل باهه وٽ آيو (تنهن مهل) اُن کي سڏيو ويو ته اي موسيٰ!. بيشڪ آءٌ تنهنجو پالڻهار آهيان تنهن ڪري

بِالْوَادِ الْمُقَدَّسِ طُوًى ؕ⑫ وَاَنَا اخْتَرْتُكَ فَاسْتَمِعْ لِمَا يُوْحٰى ⑬

ميدان پاڪ طويٰ ۾. ۽ مان چونڊيو آهي توکي سو ٻڌ جيڪي حڪم ٿئي.

پنهنجي جتي (پري) لاهه! جو ته تون پاڪ ميدان طويٰ ۾ آهين. ۽ مون توکي چونڊيو آهي تنهن ڪري جيڪي وحي ڪجي ٿو سو ٻڌ.

اِنَّنِيْٓ اَنَا اللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّآ اَنَا فَاعْبُدْنِيْ ۙ وَاَقِمِ الصَّلٰوةَ لِذِكْرِيْ ⑭

يقينن آءٌ ئي الله آهيان ناهي ڪوئي عبادت جي لائق مون کان سواءِ پوءِ منهنجي بندگي ڪر ۽ قائم رک نماز کي منهنجي يادگيري لاءِ.

سچ پچ آءٌ الله آهيان، مون کان سواءِ (ٻيو ڪو) معبود نه آهي تنهن ڪري منهنجي عبادت ڪر ۽ منهنجي ياد ڪرڻ لاءِ نماز قائم ڪر.

اِنَّ السَّاعَةَ اٰتِيَةٌ اَكَادُ اُخْفِيْهَا لِتُجْزٰى كُلُّ نَفْسٍۭ بِمَا تَسْعٰى ⑮

بيشڪ قيامت اچڻي آهي آءٌ لڪايان پيو انهيءَ کي جيئن بدلو ڏنو وڃي هر شخص کي سندس ڪمائي جو.

بيشڪ قيامت اچڻي آهي، اُن جي (وقت جي اچڻ) کي هن ڪري ڳجهو ڪريان ٿو ته جيئن هر ڪنهن ماڻهوءَ کي سندس محنت جو بدلو ڏجي.

فَلَا يَصُدَّنَّكَ عَنْهَا مَنْ لَّا يُؤْمِنُ بِهَا وَاتَّبَعَ هَوٰىهُ فَتَرْدٰى ⑯

پوءِ هرگز نه روڪي توکي اُن کان اهو جيڪو نه ٿو يقين رکي انهي تي ۽ ڪيو لڳو پنهنجي خواهش کي ته پوءِ هلاڪ ٿيندين.

جيڪو اُن کي نه مڃيندو آهي ۽ پنهنجين سڌن جي پٺيان لڳو آهي سو توکي اُن (جي مڃڻ) کان متان روڪي ته پوءِ هلاڪ ٿيندين.

وَمَا تِلْكَ بِيَمِيْنِكَ يٰمُوْسٰى ﴿١٧﴾ قَالَ هِيَ عَصَايَ ۚ اَتَوَكَّؤُا عَلَيْهَا

۽ چا آهي تنهنجي ساڄي هٿ ۾ اي موسيٰ؟ چيائين اها لٺ آهي منهنجي، ٽيڪ ڏيندو آهيان ان تي

۽ اي موسيٰ! اها تنهنجي ساڄي هٿ ۾ ڇا آهي؟ چيائين ته، هيءَ منهنجي لٺ آهي، مٿس ٽيڪ ڏيندو آهيان

وَاَهُشُّ بِهَا عَلٰى غَنَمِيْ وَلِيَ فِيْهَا مَاٰرِبُ اُخْرٰى ﴿١٨﴾ قَالَ اَلْقِهَا

۽ پڻ ڇاڻيندو آهيان ان سان پنهنجي ٻڪرين تي ۽ منهنجا ان ۾ ڪيئي ڪم آهن ٻيا به. فرمايائين اڇل انهيءَ کي

۽ ان سان پنهنجي ٻڪرين تي (وڻ جا) پَنَ ڇاڻيندو آهيان ۽ منجهس مون لاءِ ٻيا (به) فائدا آهن. (الله) فرمايو ته، اي موسيٰ!

يٰمُوْسٰى ﴿١٩﴾ فَاَلْقٰىهَا فَاِذَا هِيَ حَيَّةٌ تَسْعٰى ﴿٢٠﴾ قَالَ خُذْهَا وَلَا تَخَفْ وقفة

اي موسيٰ. پوءِ اڇليائين ان کي ته ڦري ٿي اها بلا جو ڊوڙي پئي. فرمايائين ته پڪڙينس ۽ نه ڊڄ.

اها اڇلاءِ!. پوءِ اها اڇليائين ته اها انهيءَ مهل ڊوڙندڙ واسينگ (نانگ) ٿي پيئي. (الله) فرمايو ته، انهيءَ کي وٺ ۽ نه ڊڄ!

سَنُعِيْدُهَا سِيْرَتَهَا الْاُوْلٰى ﴿٢١﴾ وَاضْمُمْ يَدَكَ اِلٰى جَنَاحِكَ تَخْرُجْ

اجهو موٽائينداسون ان کي ان جي حالت پهرينءَ تي. ۽ ملاءِ پنهنجو هٿ پنهنجي بغل سان ته نڪرندو

اسين اجهو انهيءَ کي سنديس پهرينءَ شڪل ۾ موٽائينداسون. ۽ پنهنجو هٿ پنهنجي بغل سان ملاءِ ته

بَيْضَآءَ مِنْ غَيْرِ سُوْٓءٍ اٰيَةً اُخْرٰى ﴿٢٢﴾ لِنُرِيَكَ مِنْ اٰيٰتِنَا الْكُبْرٰى ﴿٢٣﴾

اڇو ٿي بي عيب معجزو ٻيو. جيئن ڏيکاريون توکي پنهنجون نشانيون وڏيون.

بي عيبو اڇو ٿي نڪري، اها ٻي نشاني (هن لاءِ) آهي. ته توکي پنهنجين وڏين نشانين مان ڏيکاريون.

اِذْهَبْ اِلٰى فِرْعَوْنَ اِنَّهٗ طَغٰى ﴿٢٤﴾ قَالَ رَبِّ اشْرَحْ لِيْ صَدْرِيْ ﴿٢٥﴾ وَ

وڃ فرعون ڏانهن اهو حد کان لنگهي ويو آهي. چيائين منهنجا رب ڪشادو ڪر منهنجو سينو. ۽

فرعون ڏانهن وڃ جو بيشڪ اهو سرڪش ٿيو آهي. (موسيٰ) چيو ته، اي منهنجا پالڻهار! مون لاءِ منهنجو سينو کول.

يَسِّرْ لِيْٓ اَمْرِيْ ﴿٢٦﴾ وَاحْلُلْ عُقْدَةً مِّنْ لِّسَانِيْ ﴿٢٧﴾ يَفْقَهُوْا قَوْلِيْ ﴿٢٨﴾

آسان ڪر منهنجي لاءِ منهنجو ڪم. ۽ کول اٽڪاءُ منهنجي زبان جو. ته سمجهن منهنجي ڳالهه.

۽ منهنجو ڪم مون لاءِ سولو ڪر. ۽ منهنجي زبان جي هٻڪ لاهه. ته (اهي) منهنجي ڳالهه سمجهن.

وَاجْعَلْ لِّيْ وَزِيْرًا مِّنْ اَهْلِيْ ﴿٢٩﴾ هٰرُوْنَ اَخِي ﴿٣٠﴾ اشْدُدْ بِهٖٓ اَزْرِيْ ﴿٣١﴾

۽ ڪر منهنجي لاءِ وزير منهنجي گهر مان. هارون منهنجي ڀاءُ کي. ڏاڍو ڪر ان سان منهنجي طاقت کي.

۽ منهنجي گهروارن منجهان مون لاءِ ڪو وزير مقرر ڪر. (يعني) منهنجي ڀاءُ هارون کي. ان سان منهنجي طاقت مضبوط ڪر.

وَاَشْرِكْهُ فِيْٓ اَمْرِيْ ﴿٣٢﴾ كَيْ نُسَبِّحَكَ كَثِيْرًا ﴿٣٣﴾ وَّنَذْكُرَكَ كَثِيْرًا ﴿٣٤﴾ اِنَّكَ

۽ شريڪ ڪر انهيءَ کي منهنجي ڪم ۾. ته پاڪائي بيان ڪريون تنهنجي گهڻي. ۽ ذڪر ڪريون تنهنجو گهڻو. بيشڪ

۽ منهنجي ڪم ۾ ان کي ڀائيوار ڪر. ته تنهنجي گهڻي پاڪائي بيان ڪريون. ۽ توکي گهڻو ياد ڪريون. بيشڪ

كُنۡتَ بِنَا بَصِيۡرًا ﴿٣٥﴾ قَالَ قَدۡ اُوۡتِيۡتَ سُؤۡلَكَ يٰمُوۡسٰى ﴿٣٦﴾ وَلَقَدۡ

تون آهين اسان کي ڏسندڙ. فرمايائين ڏني وئي توکي تنهنجي گهرج اي موسيٰ. ۽ بيشڪ

تون اسان جو حال ڏسندڙ آهين. (الله) چيو ته، اي موسيٰ! بيشڪ (تولاءِ) تنهنجو سوال قبول ڪيو ويو. ۽

مَنَنَّا عَلَيۡكَ مَرَّةً اُخۡرٰٓى ﴿٣٧﴾ اِذۡ اَوۡحَيۡنَآ اِلٰٓى اُمِّكَ مَا يُوۡحٰٓى ﴿٣٨﴾ اَنِ

توروڪيوسون توتي هڪ دفعو ٻيو. جڏهن حڪم ڪيوسون تنهنجي ماءُ کي جيڪو ٻڌائجي ٿو. ته

بيشڪ توتي هڪ ٻيرو (ٻيوبه) احسان ڪيوسون. جڏهن تنهنجي ماءُ ڏانهن اُهو الهام ڪيوسون جيڪو الهام ڪرڻو هو.

اقۡذِفِيۡهِ فِى التَّابُوۡتِ فَاقۡذِفِيۡهِ فِى الۡيَمِّ فَلۡيُلۡقِهِ الۡيَمُّ بِالسَّاحِلِ

وجهه ان کي پيٽيءَ ۾ پوءِ ڦٽو ڪر ان کي درياءَ ۾ پوءِ اڇليندو اُنهيءَ کي درياءَ ڪنڌي ڏي

ته اُن (ٻينگر) کي صندوق ۾ وجهه پوءِ اُن کي درياءَ ۾ اُڇل! ته درياءَ ڪيس ڪپ تي اڇليندو (۽)

يَاۡخُذۡهُ عَدُوٌّ لِّىۡ وَعَدُوٌّ لَّهٗ ؕ وَاَلۡقَيۡتُ عَلَيۡكَ مَحَبَّةً مِّنِّىۡ ۚ وَلِتُصۡنَعَ

ڪڻندو ان کي دشمن منهنجو ۽ دشمن ان جو ۽ وڌم توتي محبت پنهنجي طرفان، ۽ جيئن پاليو وڃين

منهنجو ويري ۽ سندس ويري ڪيس وٺندو، ۽ پاڻ وٽان توتي (اي موسيٰ!) پيار وڌم، ۽ (گهريم) ته منهنجي اکين اڳيان پلجين.

عَلٰى عَيۡنِىۡ ﴿٣٩﴾ اِذۡ تَمۡشِىۡۤ اُخۡتُكَ فَتَقُوۡلُ هَلۡ اَدُلُّكُمۡ عَلٰى مَنۡ وقف لازم

تون منهنجي نگاهه ۾. جڏهن آئي تنهنجي ڀيڻ پوءِ چوڻ پئي ڇا آءٌ ڏس ڏيان توهان کي ان تي جيڪو

جڏهن تنهنجي ڀيڻ گهمي ٿي (تڏهن) چيائين ٿي ته جيڪو ان کي سنڀالي تنهن جو اوهان کي ڏس ڏيان؟

يَّكۡفُلُهٗ ؕ فَرَجَعۡنٰكَ اِلٰٓى اُمِّكَ كَىۡ تَقَرَّ عَيۡنُهَا وَلَا تَحۡزَنَ ؕ وَقَتَلۡتَ

پالي انهي کي، پوءِ موٽايوسون توکي تنهنجي ماءُ ڏانهن جيئن ٺرن اکيون ان جون ۽ نه ڏکاري ٿئي، ۽ تو ماري وڌو

پوءِ توکي تنهنجي ماءُ ڏانهن موٽايوسون ته اُن جا نيڻ ٺرن ۽ غمگين نه ٿئي، ۽ هڪڙو ماڻهو ماريئي

نَفۡسًا فَنَجَّيۡنٰكَ مِنَ الۡغَمِّ وَفَتَنّٰكَ فُتُوۡنًا ۟ قف فَلَبِثۡتَ سِنِيۡنَ

هڪ ماڻهو کي پوءِ ڇڏايوسون توکي مونجهه کان ۽ تجو ڪيوسون توکي آزمائي، پوءِ تون رهي پئين ڪيترا ورهيه

پوءِ توکي ڏک کان ڇڏايوسون ۽ توکي پرکڻ طرح پرکيوسون، پوءِ مدين وارن ۾ ڪيترائي ورهيه رهئين

فِىۡۤ اَهۡلِ مَدۡيَنَ ۬ ثُمَّ جِئۡتَ عَلٰى قَدَرٍ يّٰمُوۡسٰى ﴿٤٠﴾ وَاصۡطَنَعۡتُكَ

مدين وارن ۾، پوءِ تون ائين تقدير سان اي موسيٰ، ۽ خاص ڪيم توکي

وري اي موسيٰ! تون تقدير (الاهيءَ) مطابق آئين، ۽ (اي موسيٰ) توکي خاص پاڻ لاءِ بڻايم.

لِنَفۡسِىۡ ﴿٤١﴾ اِذۡهَبۡ اَنۡتَ وَاَخُوۡكَ بِاٰيٰتِىۡ وَلَا تَنِيَا فِىۡ ذِكۡرِىۡ ﴿٤٢﴾

پنهنجي لاءِ. وڃ تون ۽ تنهنجو ڀاءُ منهنجون آيتون کڻي ۽ نه سستي ڪجو منهنجي ذڪر ۾.

تون ۽ تنهنجو ڀاءُ منهنجين نشانين سميت (فرعون ڏانهن) وڃو ۽ منهنجي ياد ڪرڻ ۾ سستي نه ڪجو.

اِذْهَبَآ اِلٰى فِرْعَوْنَ اِنَّهٗ طَغٰى ﴿٤٣﴾ فَقُوْلَا لَهٗ قَوْلًا لَّيِّنًا لَّعَلَّهٗ يَتَذَكَّرُ
وڃو ٻئي فرعون ڏانهن جو اهو سرڪش ٿيو آهي. پوءِ ڳالهائجو انهيءَ سان ڳالهه نرم شايد نصيحت قبولي
فرعون ڏانهن وڃو جو اهو سرڪش ٿيو آهي. پوءِ ان سان نرميءَ سان ڳالهائجو ته مَنَ اهو نصيحت وٺي

اَوْ يَخْشٰى ﴿٤٤﴾ قَالَا رَبَّنَآ اِنَّنَا نَخَافُ اَنْ يَّفْرُطَ عَلَيْنَآ اَوْ اَنْ يَّطْغٰى ﴿٤٥﴾ قَالَ
يا ڊڄي وڃي. چيائون رب اسان جا اسين ڊڄون ٿا ته متان زيادتي ڪري اسان تي يا ڏاڍ ڪري. فرمايائين
يا ڊڄي. چيائون ته اي اسان جا پالڻهار! اسين ڊڄون ٿا ته متان اسان تي زيادتي ڪري يا حد کان لنگهي. (الله) چيو ته

لَا تَخَافَآ اِنَّنِىْ مَعَكُمَآ اَسْمَعُ وَاَرٰى ﴿٤٦﴾ فَاْتِيٰهُ فَقُوْلَآ اِنَّا رَسُوْلَا رَبِّكَ
نه ڊڄو آءٌ توهان سان گڏ آهيان ٻڌان ٿو ۽ ڏسان ٿو. پوءِ وڃوان وٽ ۽ چئو ته اسان ٻئي تنهنجي رب جا رسول آهيون
نه ڊڄو بيشڪ آءٌ اوهان سان گڏ آهيان ٻڌان ٿو ۽ ڏسان ٿو. پوءِ وٽس وڃو ۽ چئو ته، اسين تنهنجي پالڻهار جا موڪليل آهيون

فَاَرْسِلْ مَعَنَا بَنِىْٓ اِسْرَآءِيْلَ ۙ۬ وَلَا تُعَذِّبْهُمْ ؕ قَدْ جِئْنٰكَ بِاٰيَةٍ
پوءِ آزاد ڪر اسان سان بني اسرائيل کي ۽ نه ايذاءُ ڏي انهن کي، اسان آندي آهي تو وٽ نشاني
پوءِ بني اسرائيلن کي اسان سان (هلڻ جي) موڪل ڏي ۽ کين نه ڏکوءِ، بيشڪ تو وٽ تنهنجي پالڻهار (جي طرف) کان نشاني ۽

مِّنْ رَّبِّكَ ؕ وَالسَّلٰمُ عَلٰى مَنِ اتَّبَعَ الْهُدٰى ﴿٤٧﴾ اِنَّا قَدْ اُوْحِىَ اِلَيْنَآ
تنهنجي رب جي، ۽ سلامتي آهي ان تي جيڪو هلي هدايت تي. يقينن حڪم ڪيو ويو اسان ڏانهن
سان آيا آهيون، ۽ جيڪو سڌي رستي تي هلي تنهن تي سلامتي آهي. بيشڪ اسان ڏانهن وحي موڪليو ويو آهي ته جيڪو (الله جي

اَنَّ الْعَذَابَ عَلٰى مَنْ كَذَّبَ وَتَوَلّٰى ﴿٤٨﴾ قَالَ فَمَنْ رَّبُّكُمَا يٰمُوْسٰى ﴿٤٩﴾
ته عذاب ان تي آهي جيڪو ڪوڙو ڪري ۽ منهن ڦيري. چيائين ڪهڙو آهي رب توهان جو اي موسىٰ؟
حڪمن کي) ڪوڙ ڀائي ۽ منهن موڙي تنهن تي عذاب (مقرر ٿيل) آهي. (فرعون) چيو ته پوءِ اي موسىٰ! اوهان جو رب ڪير آهي؟.

قَالَ رَبُّنَا الَّذِىْٓ اَعْطٰى كُلَّ شَىْءٍ خَلْقَهٗ ثُمَّ هَدٰى ﴿٥٠﴾ قَالَ فَمَا بَالُ
چيائين اسان جو رب اهو آهي جنهن ڏني هر شيءِ کي سندس صورت پوءِ رستو ڏيکاريائين. چيائين پوءِ ڪهڙو حال ٿيندو
(موسىٰ) چيو ته، اسان جو رب اهو آهي جنهن هر شيءِ کي سندس صورت بخشي وري هدايت ڪيائين. (فرعون) چيو

الْقُرُوْنِ الْاُوْلٰى ﴿٥١﴾ قَالَ عِلْمُهَا عِنْدَ رَبِّىْ فِىْ كِتٰبٍ ۚ لَا يَضِلُّ رَبِّىْ
قومن پهرين جو. چيائين ان جي خبر منهنجي خدا وٽ آهي دفتر ۾. نه ٿو ڀلي منهنجو رب
ته، پهرين قومن جو ڪهڙو حال آهي؟. (موسىٰ) چيو ته، انهن جي خبر منهنجي رب وٽ ڪتاب ۾ آهي، منهنجو رب نڪي

وَلَا يَنْسَى ﴿٥٢﴾ الَّذِىْ جَعَلَ لَكُمُ الْاَرْضَ مَهْدًا وَّسَلَكَ لَكُمْ فِيْهَا
۽ نه ٿو وساري. اهو جنهن پيدا ڪئي توهان لاءِ زمين وڇاڻو ڪري ۽ جاري ڪيائين توهان لاءِ انهي ۾
ڀلندو آهي ۽ نڪي وساريندو آهي. جنهن اوهان لاءِ زمين کي وڇاڻو بڻايو ۽ توهان لاءِ منجهس رستا جاري ڪيا

سُبُلًا وَّاَنْزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً ؕ فَاَخْرَجْنَا بِهٖۤ اَزْوَاجًا مِّنْ نَّبَاتٍ
رستا ۽ لاٿائين آسمان کان پاڻي پوءِ اسان پيدا ڪياسون ان سان جوڙا سلن مان
۽ آسمان کان پاڻي وسايو، پوءِ اُن سان هر جنس جا سلن مان جوڙا جمايا سون.

شَتّٰى ﴿٥٣﴾ كُلُوْا وَارْعَوْا اَنْعَامَكُمْ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّاُولِي النُّهٰى ﴿٥٤﴾ ع ٢
طرحين طرحين. کائو ۽ چاريو پنهنجي جانورن کي. بيشڪ انهيءَ ۾ نشانيون آهن عقل وارن لاءِ.
(چيوسون ته) کائو ۽ پنهنجي ڍورن کي چاريو، بيشڪ اُن ۾ عقل وارن لاءِ نشانيون آهن.

مِنْهَا خَلَقْنٰكُمْ وَفِيْهَا نُعِيْدُكُمْ وَمِنْهَا نُخْرِجُكُمْ تَارَةً اُخْرٰى ﴿٥٥﴾
انهيءَ مان پيدا ڪيوسون توهان کي ۽ انهيءَ ۾ موٽائينداسون توهان کي ۽ انهيءَ مان ڪڍنداسون توهان کي ٻئي ڀيري.
اُن (مٽيءَ) مان اوهان کي خلقيوسون ۽ منجهس اوهان کي ورائينداسون ۽ منجهانئس اوهان کي ٻيو ڀيرو ڪڍنداسون.

وَلَقَدْ اَرَيْنٰهُ اٰيٰتِنَا كُلَّهَا فَكَذَّبَ وَاَبٰى ﴿٥٦﴾ قَالَ اَجِئْتَنَا لِتُخْرِجَنَا
۽ يقينن اسان ڏيکاريون ان کي آيتون پنهنجون سموريون پوءِ ڪوڙو ڪيائين ۽ انڪار ڪيائين. چوي پيو آيو آهين ته ڪڍين اسان کي
۽ بيشڪ اُن (فرعون) کي سڀيئي نشانيون ڏيکاريون سون پوءِ ڪوڙ ڀايائين ۽ انڪار ڪيائين. (فرعون) چيو ته اي موسىٰ! اسان وٽ هن لاءِ آيو آهين ته

مِنْ اَرْضِنَا بِسِحْرِكَ يٰمُوْسٰى ﴿٥٧﴾ فَلَنَاْتِيَنَّكَ بِسِحْرٍ مِّثْلِهٖ فَاجْعَلْ
اسان جي ملڪ مان پنهنجي جادو سان اي موسىٰ. پوءِ اسان به آڻينداسون تنهنجي لاءِ جادو اهڙوئي سو ڪر مقرر
ته پنهنجي جادوءَ سان اسان جي ملڪ مان اسان کي لوڏين؟ پوءِ اسان به اهڙوئي جادو تو وٽ ضرور آڻينداسون (جهڙو تون اسان کي ڏيکارين ٿو)

بَيْنَنَا وَبَيْنَكَ مَوْعِدًا لَّا نُخْلِفُهٗ نَحْنُ وَلَاۤ اَنْتَ مَكَانًا سُوًى ﴿٥٨﴾
اسان جي ۽ پنهنجي وچ ۾ وقت نه هٽنداسون انکان اسان ۽ نڪي تون ئي، هڪ ميدان سڌي تي.
تنهن ڪري اسان جي ۽ پنهنجي وچ ۾ اهڙو انجام (جو وقت) ڪنهن صاف پڌر ۾ مقرر ڪر جو اُن کان نڪي تون ۽ نڪي اسين پٺتي ٿيون.

قَالَ مَوْعِدُكُمْ يَوْمُ الزِّيْنَةِ وَاَنْ يُّحْشَرَ النَّاسُ ضُحًى ﴿٥٩﴾ فَتَوَلّٰى
چيائين توهان سان انجام آهي جشن واري ڏينهن ۽ ميڙيا وڃن ماڻهو منجهند جو. پوءِ پٺي ڏني
چيائين ته اوهان جي انجام جو وقت جشن جو ڏينهن آهي ۽ ماڻهو ڏينهن چڙهئي گڏ ٿين. پوءِ فرعون (گهر ڏانهن) موٽيو

فِرْعَوْنُ فَجَمَعَ كَيْدَهٗ ثُمَّ اَتٰى ﴿٦٠﴾ قَالَ لَهُمْ مُّوْسٰى وَيْلَكُمْ لَا تَفْتَرُوْا
فرعون پوءِ گڏ ڪيائين پنهنجي سٽا پوءِ آيو. چيو انهن کي موسىٰ ويل هجيو نه مڙهيو
پوءِ پنهنجا فند گڏ ڪري وري آيو. موسىٰ جادوگرن کي چيو ته، اوهان تي ويل هجي! الله تي ڪوڙو ڏاهر نه ڏاهيو

عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا فَيُسْحِتَكُمْ بِعَذَابٍ ۚ وَقَدْ خَابَ مَنِ افْتَرٰى ﴿٦١﴾
الله تي ڪوڙ اهو پاڙ پٽيندو توهان جي عذاب سان ۽ ناڪام ٿيو اهو جنهن ڏاهيو ڪوڙ.
نه ته اوهان جي ڪنهن آفت سان پاڙ پٽيندو ۽ جنهن ڏاهر ڏاهيو سو بيشڪ نامراد ٿيو.

فَتَنَازَعُوْٓا اَمْرَهُمْ بَيْنَهُمْ وَاَسَرُّوا النَّجْوٰى ﴿٦٢﴾ قَالُوْٓا اِنْ هٰذٰنِ

پوءِ انھن بحث ڪيو | پنھنجي ڪم لاءِ | پاڻ ۾ | ۽ لڪايائون | صلاح ڪي. | چون پيا | اھي ٻئي

پوءِ پنھنجي ڪم بابت پاڻ ۾ گفتگو ڪيائون ۽ ڳجھيون صلاحون ڪيائون. چيائون تہ، ھي ٻئي ضرور جادوگر آھن

لَسٰحِرٰنِ يُرِيْدٰنِ اَنْ يُّخْرِجٰكُمْ مِّنْ اَرْضِكُمْ بِسِحْرِهِمَا وَيَذْهَبَا بِطَرِيْقَتِكُمُ

جادوگر آھن | جيڪي چاھين ٿا | تہ ڪڍي ڇڏين توھان کي | توھان جي ملڪ مان | پنھنجي جادو سان | ۽ | گم ڪن توھان جي طريقي

پنھنجي جادوءَ سان اوھان کي اوھان جي ملڪ مان لوڌڻ ۽ اوھان جي (جادوگريءَ واري) نرالي طريقي کي وڃائڻ گھرندا آھن.

الْمُثْلٰى ﴿٦٣﴾ فَاَجْمِعُوْا كَيْدَكُمْ ثُمَّ ائْتُوْا صَفًّا ۚ وَقَدْ اَفْلَحَ الْيَوْمَ مَنِ

ڀلي ڪي. | پوءِ گڏ ڪريو | پنھنجا ڪرتب. | ۽ | اچو | قطار ڪري، | ۽ سوڀارو ٿيندو | اڄ | اھو ئي

تنھن ڪري پنھنجا جادوءَ (جا سامان) گڏ ڪريو وري قطار ٻڌي اچو ۽ جيڪو اڄ مٿانھون ٿيو سو بيشڪ ڪامياب ٿيو.

اسْتَعْلٰى ﴿٦٤﴾ قَالُوْا يٰمُوْسٰٓى اِمَّآ اَنْ تُلْقِيَ وَاِمَّآ اَنْ نَّكُوْنَ اَوَّلَ

جو غالب ٿيندو. | چيائون | اي موسيٰ | تون اڇليندين | يا | اسين ھجون | پھريان

چيائون تہ، اي موسيٰ! (تون) اڇليندين يا پھرين اسين (پنھنجو ڏارو) اڇليون؟

مَنْ اَلْقٰى ﴿٦٥﴾ قَالَ بَلْ اَلْقُوْا ۚ فَاِذَا حِبَالُهُمْ وَعِصِيُّهُمْ يُخَيَّلُ

اڇليندڙ. | فرمايائين بلڪ توھان ئي اڇليو، پوءِ اوچتو | انھن جون رسيون | ۽ | لٺيون سندس | خيال ۾ آيو

(موسيٰ) چيو تہ، ڀلي (اوھين) اڇليو پوءِ اوچتو ئي سندن رسا ۽ سندن لٺيون جادوءَ (جي اثر)

اِلَيْهِ مِنْ سِحْرِهِمْ اَنَّهَا تَسْعٰى ﴿٦٦﴾ فَاَوْجَسَ فِيْ نَفْسِهٖ خِيْفَةً مُّوْسٰى ﴿٦٧﴾

تہ | انھن جي جادو ڪان | ڊوڙن ٿيون. | پوءِ محسوس ڪيو پنھنجي دل ۾ | خطري کي | موسيٰ.

ڪان موسيٰ جي خيال ۾ آيو تہ جھٽڪ اھي ڊوڙن ٿيون. پوءِ موسيٰ پنھنجي دل ۾ ڪجھ ڊپ محسوس ڪيو.

قُلْنَا لَا تَخَفْ اِنَّكَ اَنْتَ الْاَعْلٰى ﴿٦٨﴾ وَاَلْقِ مَا فِيْ يَمِيْنِكَ تَلْقَفْ مَا

اسان چيو نہ | ڊڄ | بيشڪ | تون ئي غالب آھين. | ۽ اڇل جيڪي | تنھنجي ھٿ ۾ آھي تہ ڳھي وڃي جيڪي

چيوسون تہ، نہ ڊڄ! پڪ تون ئي غالب آھين. ۽ جيڪي تنھنجي ساڄي ھٿ ۾ آھي سو اڇل تہ جيڪي ٺاھيائون

صَنَعُوْا ۭ اِنَّمَا صَنَعُوْا كَيْدُ سٰحِرٍ ۭ وَلَا يُفْلِحُ السّٰحِرُ حَيْثُ اَتٰى ﴿٦٩﴾

انھن ڪيو. | انھن جيڪي ڪيو سو مڪر مداريءَ جو آھي، ۽ سوڀ نہ لھندو | مداري | جتي بہ | اچي.

سو ڳھي وڃي. جيڪي ٺاھيائون سو رڳو ھڪ جادوگر جو فريب ئي آھي. ۽ جادوگر جتي ويندو اتي ڪامياب نہ ٿيندو.

فَاُلْقِيَ السَّحَرَةُ سُجَّدًا قَالُوْٓا اٰمَنَّا بِرَبِّ هٰرُوْنَ وَمُوْسٰى ﴿٧٠﴾ قَالَ

پوءِ جھڪي پيا | جادوگر | سجدي ۾ | چيائون ايمان آندوسون | رب تي | ھارون | ۽ موسيٰ جي. | چيو فرعون

پوءِ سڀ جادوگر سجدو ڪندڙ ٿي ڪري پيا، چيائون تہ، موسيٰ ۽ ھارون جي رب تي ايمان آندوسون. (فرعون) چيو

اٰمَنْتُمْ لَهٗ قَبْلَ اَنْ اٰذَنَ لَكُمْ ؕ اِنَّهٗ لَكَبِيْرُكُمُ الَّذِيْ عَلَّمَكُمُ السِّحْرَ ۚ

مجيو تا توهان ان کي اڳ ۾ ئي جو آءٌ اجازت ڏيان توهانکي، اهوئي وڏو آهي توهان جو جنهن سيکاريو توهان کي سحر.

ته. اوهان منهنجي موڪل ڏيڻ کان اڳ ان تي ڇو ايمان آندو؟ بيشڪ اهو اوهان جو ضرور وڏو (اُستاد) آهي، جنهن اوهان کي

فَلَاُقَطِّعَنَّ اَيْدِيَكُمْ وَاَرْجُلَكُمْ مِّنْ خِلَافٍ وَّلَاُوصَلِّبَنَّكُمْ

پوءِ ضرور ڪٽيندس توهان جا هٿ ۽ توهان جا پير ابتڙ ۽ ڦاسي ڏيندم توهان کي

جادو سيکاريو آهي، تنهن ڪري اوهان جا هٿ ۽ اوهان جا پير اُبتا سبتا ضرور وڍيندس ۽ اوهان کي ڪجين جي ٿڙن ۾ ضرور

فِيْ جُذُوْعِ النَّخْلِ ۫ وَلَتَعْلَمُنَّ اَيُّنَآ اَشَدُّ عَذَابًا وَّاَبْقٰى ﴿٧١﴾ قَالُوْا لَنْ

ڪجين جي ٿڙن تي ۽ ضرور ڄاڻندؤ ته اسان مان ڪنهنجو آهي سخت عذاب ۽ گهڻي تائين رهندڙ. چيائون نه

سوريءَ چاڙهيندس ۽ ضرور ڄاڻندؤ ته اسان مان ڪنهن جو عذاب وڌيڪ سخت ۽ گهڻي تائين رهڻ وارو آهي. چيائون ته.

نُّؤْثِرَكَ عَلٰى مَا جَآءَنَا مِنَ الْبَيِّنٰتِ وَالَّذِيْ فَطَرَنَا فَاقْضِ مَآ

اڳرو ڪنداسون توکي ان تي جيڪي آندا اسان وٽ موسيٰ چٽا دليل ۽ نه انهي تي جنهن پيدا ڪيو اسان کي پوءِ تون ڪر جيڪي

چٽن دليلن مان جيڪي اسان وٽ آيا تن تي ۽ جنهن اسان کي پيدا ڪيو تنهن تي توکي ڪڏهن زيادتي نه ڏينداسون، تنهن ڪري جيڪي تون

اَنْتَ قَاضٍ ؕ اِنَّمَا تَقْضِيْ هٰذِهِ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا ﴿٧٢﴾ ؕ اِنَّآ اٰمَنَّا بِرَبِّنَا لِيَغْفِرَ

ڪرڻو اٿيئي، رڳو تون ڪندين هن دنيا جي حياتي ۾. اسان ايمان آندو پنهنجي رب تي جيئن بخشي

ڪرڻ وارو آهين سو ڪر، (تون) رڳو دنيا جي هن حياتيءَ بابت فيصلو ڪندين. بيشڪ اسان پنهنجي پالڻهار تي هن لاءِ ايمان آندو آهي ته اسان

لَنَا خَطٰيٰنَا وَمَآ اَكْرَهْتَنَا عَلَيْهِ مِنَ السِّحْرِ ؕ وَاللّٰهُ خَيْرٌ وَّاَبْقٰى ﴿٧٣﴾ اِنَّهٗ

اسان کي اسان جا گناهه ۽ اهو جيڪي تو مجبور ڪيو اسان کي جادو ڪرڻ تي، ۽ الله ڀلو آهي ۽ سدائين رهندڙ آهي. پڪ

جون خطائون ۽ جنهن جادو ڪرڻ تي تو اسان کي زور ڪيو سو اسان کي بخشي، ۽ الله (سڀ کان) ڀلو ۽ سدائين رهڻ وارو آهي. سچ آهي

مَنْ يَّاْتِ رَبَّهٗ مُجْرِمًا فَاِنَّ لَهٗ جَهَنَّمَ ؕ لَا يَمُوْتُ فِيْهَا وَلَا يَحْيٰى ﴿٧٤﴾

جيڪو آيو پنهنجي رب وٽ ڏوهي ٿي ته انهيءَ لاءِ دوزخ آهي نه مرندو ان ۾ ۽ نه جيئرو هوندو.

ته جيڪو پنهنجي پالڻهار وٽ ڏوهاري ٿي ايندو تنهن لاءِ بيشڪ دوزخ آهي، اهو منجهس نڪي مرندو ۽ نڪي جيئندو.

وَمَنْ يَّاْتِهٖ مُؤْمِنًا قَدْ عَمِلَ الصّٰلِحٰتِ فَاُولٰٓئِكَ لَهُمُ الدَّرَجٰتُ

۽ جيڪو آيو پنهنجي رب وٽ مومن ٿي عمل چڱا ڪندي ته اهي ئي آهن جن لاءِ درجا

۽ جيڪي مومن ٿي چڱا ڪم ڪري وٽس ايندا، سي اهي آهن جن لاءِ وڏا مرتبا آهن.

الْعُلٰى ۙ ﴿٧٥﴾ جَنّٰتُ عَدْنٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ؕ

بلند آهن. باغ رهڻ لاءِ وهن ٿيون انهن جي هيٺان واهيون هميشه رهندا اتي،

سدائين رهڻ جا باغ، جن جي هيٺان نهرون وهنديون آهن، منجهن سدائين رهڻ وارا آهن، ۽

الثلثة

ع ٤ ١٢

وَذٰلِكَ جَزٰٓؤُا مَنْ تَزَكّٰى ﴿٧٦﴾ وَلَقَدْ اَوْحَيْنَآ اِلٰى مُوْسٰٓى ۙ اَنْ اَسْرِ

۽ اهو آهي بدلو انهي جو جيڪو پاڪ ٿيو. ۽ اسان حڪم موڪليو موسيٰ ڏانهن ته راتوواهه ڪر

جيڪو پاڪ ٿيو تنهن جو اِهو بدلو آهي. ۽ بيشڪ موسيٰ ڏانهن وحي ڪيوسون ته راتو واهه

بِعِبَادِيْ فَاضْرِبْ لَهُمْ طَرِيْقًا فِي الْبَحْرِ يَبَسًا ۙ لَّا تَخٰفُ دَرَكًا

منهنجي ٻانهن کي پوءِ ٺاهه انهن لاءِ رستو سمنڊ ۾ سڪل نه ڊڄندين پڪڙ کان

منهنجي ٻانهن سميت نڪرا پوءِ سمنڊ ۾ انهن لاءِ سڪي وات بڻاءِ (دشمن کان) پڪڙجڻ جو ڀئو نه ڪر

وَّلَا تَخْشٰى ﴿٧٧﴾ فَاَتْبَعَهُمْ فِرْعَوْنُ بِجُنُوْدِهٖ فَغَشِيَهُمْ مِّنَ الْيَمِّ

۽ نه ڀؤ ڪندين. پوءِ پٺيان پيو انهنجي فرعون پنهنجي لشڪر سميت پوءِ ڍڪيو انهنکي سمنڊ مان

۽ نڪي (ٻُڏڻ کان) ڊڄ. پوءِ فرعون پنهنجي لشڪر سميت سندن پوئتان پيو پوءِ سمنڊ مان (پاڻي جو اُهو ڪُن) ڪين وري ويو

مَا غَشِيَهُمْ ﴿٧٨﴾ وَاَضَلَّ فِرْعَوْنُ قَوْمَهٗ وَمَا هَدٰى ﴿٧٩﴾ يٰبَنِيْٓ

انهي ۽ جنهن ڍڪيو انهنکي. ۽ گمراهه ڪيو فرعون پنهنجي قوم کي ۽ نه هدايت ڪيائين. اي بني

جيڪو ڪين ورتو هو. ۽ فرعون پنهنجي قوم کي گمراهه ڪيو ۽ سڌي رستي نه لاتو. اي بني اسرائيلو! بيشڪ

اِسْرَآءِيْلَ قَدْ اَنْجَيْنٰكُمْ مِّنْ عَدُوِّكُمْ وَوٰعَدْنٰكُمْ جَانِبَ الطُّوْرِ

اسرائيل اسان ڇڏايوسون توهان کي توهان جي دشمن کان ۽ انجام ڪيوسون توهان سان طور جي

اوهان کي اوهان جي دشمن کان بچايوسون ۽ طور (جبل) جي ساڄي پاسي کان اوهان کي (توريت ڏيڻ جو) انجام ڪيوسون

الْاَيْمَنَ وَنَزَّلْنَا عَلَيْكُمُ الْمَنَّ وَالسَّلْوٰى ﴿٨٠﴾ كُلُوْا مِنْ طَيِّبٰتِ

ساڄي پاسي ۽ لاٿاسون توهان تي شڪر ۽ ٻٽيرا. کائو سٺين شين مان

۽ مَنّ ۽ سلويٰ اوهان تي لاٿاسون. (۽ چيوسون ته) سٺين (شين) مان جيڪا اوهان جي روزي ڪئي سون سا کائو

مَا رَزَقْنٰكُمْ وَلَا تَطْغَوْا فِيْهِ فَيَحِلَّ عَلَيْكُمْ غَضَبِيْ ۚ وَمَنْ

جيڪي ڏنيون سون توهان کي ۽ نه بي فرماني ڪريو ان ۾ پوءِ نازل ٿيندو توهان تي منهنجو غضب. ۽ جنهن تي

۽ منجهس نافرماني نه ڪريو نه ته اوهان تي منهنجو ڏمر نازل ٿيندو ۽ جنهن تي منهنجو ڏمر نازل ٿيو

يَّحْلِلْ عَلَيْهِ غَضَبِيْ فَقَدْ هَوٰى ﴿٨١﴾ وَاِنِّيْ لَغَفَّارٌ لِّمَنْ تَابَ وَ

پيو منهنجو غضب ته اهو برباد ٿيو. ۽ آءٌ بخشيندڙ آهيان ان کي جنهن توبه ڪئي ۽

سو بيشڪ اجڙيو. ۽ جنهن توبهه ڪئي ۽ ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا وري سڌو رستو لڌائين

اٰمَنَ وَعَمِلَ صَالِحًا ثُمَّ اهْتَدٰى ﴿٨٢﴾ وَمَآ اَعْجَلَكَ عَنْ قَوْمِكَ

يقين ڪيو ۽ چڱو عمل ڪيو پوءِ رهيو هدايت تي. ۽ ڪنهن تڪڙو آندو توکي پنهنجي قوم کان

تنهن کي بيشڪ آءٌ بخشيندڙ آهيان. ۽ اي موسيٰ! ڪنهن توکي پنهنجي قوم کان (اڳ اچڻ جي) تڪڙ ڪرائي؟

يٰمُوْسٰى ﴿٨٣﴾ قَالَ هُمْ اُولَآءِ عَلٰٓى اَثَرِىْ وَعَجِلْتُ اِلَيْكَ رَبِّ لِتَرْضٰى ﴿٨٤﴾
اي موسيٰ. چيائين اجهو اهي منهنجي پٺيان آهن ۽ آءٌ تڪڙو آيس توڏانهن منهنجا رب جيئن تون راضي ٿئين.
چيائين تہ اهي اجهو منهنجي پوئتان آهن ۽ اي منهنجا پالڻهارا توڏانهن هن لاءِ تڪڙ ڪير تہ راضي ٿئين!.

قَالَ فَاِنَّا قَدْ فَتَنَّا قَوْمَكَ مِنْۢ بَعْدِكَ وَاَضَلَّهُمُ السَّامِرِىُّ ﴿٨٥﴾
فرمايائين تہ اسان آزمايوسون تنهنجي قوم کي تنهنجي پٺيان ۽ گمراھ ڪيو انهن کي سامريءَ.
(الله) چيو تہ اسان تنهنجي پويان تنهنجي قوم کي پرکيو ۽ کين سامريءَ گمراھ ڪيو.

فَرَجَعَ مُوْسٰٓى اِلٰى قَوْمِهٖ غَضْبَانَ اَسِفًا ۚ قَالَ يٰقَوْمِ اَلَمْ يَعِدْكُمْ
پوءِ موٽيو موسيٰ پنهنجي قوم ڏانهن ڪاوڙجي افسوس ڪندي، چيائين اي قوم ڇا نہ وعدو ڪيو توهان سان
پوءِ موسيٰ پنهنجي قوم ڏانهن ڪاوڙجي ارمان ۾ موٽيو، چيائين تہ، اي منهنجي قوم! اوهان جي پالڻهار اوهان کي چڱو

رَبُّكُمْ وَعْدًا حَسَنًا ۬ؕ اَفَطَالَ عَلَيْكُمُ الْعَهْدُ اَمْ اَرَدْتُّمْ اَنْ يَّحِلَّ عَلَيْكُمْ
توهانجي رب وعدو ڀلو، ڇا پوءِ ڊگهي ٿي توهان تي مدت يا توهان گهريو تہ پوي توهان تي
انجام نہ ڏنو هو ڇا؟ پوءِ اوهان تي مدو ڊگهو ٿي پيو ڇا يا پنهنجي پالڻهار جو ڏمر پاڻ تي نازل ٿيڻ گهريو؟

غَضَبٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ فَاَخْلَفْتُمْ مَّوْعِدِىْ ﴿٨٦﴾ قَالُوْا مَآ اَخْلَفْنَا مَوْعِدَكَ
غضب توهان جي رب کان پوءِ برخلافي ڪئي توهان منهنجي وعدي جي. چيائون نہ برخلافي ڪئي اٿئون تنهنجي وعدي جي
تنهن ڪري منهنجي انجام جي برخلافي ڪيوَ. چيائون تہ پنهنجي وس کان تنهنجي انجام جي برخلافي نہ ڪئي سون

بِمَلْكِنَا وَلٰكِنَّا حُمِّلْنَآ اَوْزَارًا مِّنْ زِيْنَةِ الْقَوْمِ فَقَذَفْنٰهَا فَكَذٰلِكَ
پنهنجي اختيار سان پر کڻايا ويا اسان کي بار قوم جي زيورن جا پوءِ اڇلاياسون پوءِ اهڙي طرح
پر (فرعون جي) قوم جي زيورن مان بار کنيا هئاسون پوءِ اهي اڇلاياسون ۽ اهڙيءَ طرح

اَلْقَى السَّامِرِىُّ ﴿٨٧﴾ فَاَخْرَجَ لَهُمْ عِجْلًا جَسَدًا لَّهٗ خُوَارٌ فَقَالُوْا
ڍاليو سامريءَ. پوءِ تيار ڪيائين انهن لاءِ گابو بوتو جنهن کي هئي رنڀ پوءِ چيائون
سامريءَ (باهہ ۾) وڌا. پوءِ انهن لاءِ گابي جو بوتو (ناهي) ڪڍيائين جنهن کي رنڀ هئي. پوءِ چيائون تہ

هٰذَآ اِلٰهُكُمْ وَاِلٰهُ مُوْسٰى ۬ فَنَسِىَ ﴿٨٨﴾ اَفَلَا يَرَوْنَ اَلَّا يَرْجِعُ اِلَيْهِمْ
هي آهي الاتوهان جو ۽ الا موسيٰ جو. پوءِ وساريائين. ڇا پوءِ نہ ٿا ڏسن تہ اهو نہ ٿو ڏئي انهنکي
هيءَ اوهان جو معبود ۽ موسيٰ جو معبود آهي ۽ (موسيٰ) ڀُلي ويو آهي. نہ ٿي ڏٺائون ڇا تہ (اهو) انهن کي

قَوْلًا ۬ۙ وَّلَا يَمْلِكُ لَهُمْ ضَرًّا وَّلَا نَفْعًا ﴿٨٩﴾ؑ وَلَقَدْ قَالَ لَهُمْ هٰرُوْنُ ع ۱۲/۴
جواب، ۽ نہ ٿو مالڪ ٿئي انهن جي نقصان جو ۽ نڪي نفعي جو. ۽ يقينن چيو انهن کي هارون
ورندي ورائي نہ ٿو ڏئي ۽ ڪين نڪي ڏک ۽ نڪي سک ڏيئي سگهي ٿو؟ ۽ بيشڪ هارون اڳ ئي کين چيو هو تہ.

مِنْ قَبْلُ يٰقَوْمِ اِنَّمَا فُتِنْتُمْ بِهٖ ج وَاِنَّ رَبَّكُمُ الرَّحْمٰنُ فَاتَّبِعُوْنِيْ

اڳ ۾ تہ اي منهنجي قوم رڳو توهان کي آزمايو ويو اُن سان، ۽ بلاشڪ رب توهانجو رحمان آهي پوءِ منهنجي تابعداري ڪريو

اي منهنجي قوم! اوهين اُن (ڳابي) سان پرکيا ويا آهيو، ۽ بيشڪ اوهان جو پالڻھار ٻاجهارو (الله) آهي تنهن ڪري منهنجي

وَاَطِيْعُوْٓا اَمْرِيْ ﴿٩٠﴾ قَالُوْا لَنْ نَّبْرَحَ عَلَيْهِ عٰكِفِيْنَ حَتّٰى يَرْجِعَ اِلَيْنَا

۽ مڃيو حڪم منهنجو چيائون نڪو رهنداسون ان تي ٽڪندڙ جيسين موٽي اچي اسان وٽ

تابعداري ڪريو ۽ منهنجو حڪم مڃيو. چيائون تہ (اسين ايسين) مٿس مجاور رهنداسون جيسين موسيٰ اسان ڏانهن موٽي.

مُوْسٰى ﴿٩١﴾ قَالَ يٰهٰرُوْنُ مَا مَنَعَكَ اِذْ رَاَيْتَهُمْ ضَلُّوْٓا ﴿٩٢﴾ اَلَّا تَتَّبِعَنِ ط

موسيٰ. چيائين اي هارون ڪنهن روڪيو توکي جڏهن ڏٺو تو انهن کي گمراهہ ٿيندي. ڇو نہ پٺيان لڳين منهنجي،

(موسيٰ اچي) چيو تہ، اي هارون! توکي ڪنهن جهليو جڏهن ڪين گمراهہ ٿيندو ڏٺئي؟. تہ منهنجي پٺيان نہ لڳين.

اَفَعَصَيْتَ اَمْرِيْ ﴿٩٣﴾ قَالَ يَبْنَؤُمَّ لَا تَاْخُذْ بِلِحْيَتِيْ وَلَا بِرَاْسِيْ ج

ڇا پوءِ رد ڪيو تو حڪم منهنجو. چيائين اي منهنجي امڙ جاپٽ نہ پڪڙ منهنجي ڏاڙهي ۽ نہ مٿي جا وار،

منهنجي حڪم جي نافرماني ڪيئي؟. هارون چيو تہ اي ادا! نڪي مون کي ڏاڙهيءَ کان وٺ ۽ نڪي منهنجي مٿي کان،

اِنِّيْ خَشِيْتُ اَنْ تَقُوْلَ فَرَّقْتَ بَيْنَ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ وَلَمْ تَرْقُبْ

آءٌ ڊنس تہ تون چوندين تہ ڦوٽ وڌئي بني اسرائيل ۾ ۽ نہ خيال رکيئي

آءٌ (هن ڳالھ کان) ڊنس تہ متان چوين تہ يعقوب جي اولاد جي وچ ۾ جدائي وڌئي ۽ منهنجي چوڻ جي نگاهہ نہ رکيئي.

قَوْلِيْ ﴿٩٤﴾ قَالَ فَمَا خَطْبُكَ يٰسَامِرِيُّ ﴿٩٥﴾ قَالَ بَصُرْتُ بِمَا لَمْ يَبْصُرُوْا

منهنجي چوڻ جو. چيو موسيٰ ڇا حال آهي تنهنجو اي سامري. چيائين مون ڏٺو اهو جو نہ ڏٺو هين

موسيٰ چيو تہ، اي سامري! تنهنجو ڇا معاملو آهي؟. چيائين تہ، اها (شيءِ) ڏٺم جا (ماڻهن) نہ ڏٺي

بِهٖ فَقَبَضْتُ قَبْضَةً مِّنْ اَثَرِ الرَّسُوْلِ فَنَبَذْتُهَا وَكَذٰلِكَ سَوَّلَتْ

انهي کي پوءِ پريم مٺ رسول جي رند تان پوءِ اها وڌم ۽ اهڙي طرح ٺاهي ڏنو

پوءِ ان قاصد (ملائڪ) جي پيرن جي (مٽيءَ جي) هڪ مٺ پريم پوءِ اها (ڳابي جي بوتي ۾) وڌم ۽ اهڙيءَ طرح

لِيْ نَفْسِيْ ﴿٩٦﴾ قَالَ فَاذْهَبْ فَاِنَّ لَكَ فِي الْحَيٰوةِ اَنْ تَقُوْلَ لَا مِسَاسَ ص

مونکي منهنجي نفس. فرمايائين هليو وڃ پوءِ تولاءِ آهي عمر ۾ جو چوندين نہ هٿ لڳي

منهنجي نفس (اهو) مون لاءِ سينگاريو. (موسيٰ) چيو تہ وڃ! بيشڪ توکي حياتيءَ ۾ (هيءَ سزا) آهي تہ چوندو رهندين

وَاِنَّ لَكَ مَوْعِدًا لَّنْ تُخْلَفَهٗ ج وَانْظُرْ اِلٰٓى اِلٰهِكَ الَّذِيْ

۽ بيشڪ تولاءِ هڪ وعدو ٺيل آهي جوان کان ڪين گسائيندين، ۽ ڏس پنهنجي خدا ڏانهن جنهن تي

تہ نہ ڇهو! ۽ تولاءِ بيشڪ (هيوبہ) انجام آهي جنهن جي توسان برخلافي نہ ڪبي، ۽ پنهنجي معبود ڏانهن نهار! جنهن

ظَلْتَ عَلَيْهِ عَاكِفًا ؕ لَنُحَرِّقَنَّهٗ ثُمَّ لَنَنْسِفَنَّهٗ فِى الْيَمِّ نَسْفًا ﴿٩٧﴾ اِنَّمَآ
ٿيو هئين مجاور. اسان ضرور ساڙينداسون انهي کي پوءِ ڇٽيندا سون ان کي سمنڊ ۾ اڏاري. رڳو
تي مجاور ٿي ويلو هئين. اسين اُن کي ضرور ساڙينداسون وري اُن (جي ڪيريءَ) کي درياءَ ۾ ڪندائڻ وانگر ڪندائينداسين.

اِلٰهُكُمُ اللّٰهُ الَّذِىْ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ؕ وَسِعَ كُلَّ شَىْءٍ عِلْمًا ﴿٩٨﴾ كَذٰلِكَ
معبود توهانجو الله ئي آهي اهو جو ناهي ڪو مالڪ سواءِ ان جي، ماپايائين هر شيءِ کي علم ۾. اهڙي طرح
اوهان جو معبود الله آهي. انهيءَ کان سواءِ بيو ڪو عبادت جو لائق نہ آهي. سڀڪا شيءِ (سندس) علم ۾ سمائي آهي. (اي

نَقُصُّ عَلَيْكَ مِنْ اَنْۢبَآءِ مَا قَدْ سَبَقَ ۚ وَقَدْ اٰتَيْنٰكَ مِنْ لَّدُنَّا
بيان ڪريون ٿا توتي ڪجھ خبرون ان جون جيڪي گذريو. ۽ ڏنوسون توکي پنهنجي طرفان
پيغمبرا) اهڙيءَ طرح جيڪي گذري ويا تن جي خبرن مان توتي بيان ڪريون ٿا. ۽ پاڻ وٽان توکي نصيحت (يعني قرآن) ڏنوسون.

ذِكْرًا ﴿٩٩﴾ ۚ مَنْ اَعْرَضَ عَنْهُ فَاِنَّهٗ يَحْمِلُ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ وِزْرًا ﴿١٠٠﴾ ۙ
قرآن. جيڪو منهن موڙيندو انهي کان تہ اهو کڻندو قيامت ڏينهن بار.
جيڪو ڪانئس منهن موڙيندو سو قيامت جي ڏينهن (گناهن جو) بار کڻندو.

خٰلِدِيْنَ فِيْهِ ؕ وَسَآءَ لَهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ حِمْلًا ﴿١٠١﴾ ۙ يَّوْمَ يُنْفَخُ فِى
هميشہ رهندا ان ۾. ۽ بڇڙو آهي انهن لاءِ قيامت جي ڏينهن بار کڻڻ. جنهن ڏينهن ڦوڪي ويندي
منجهس سدائين رهڻ وارا آهن. ۽ قيامت جي ڏينهن انهن کي بار کڻڻ بڇڙو آهي. جنهن ڏينهن صور ۾ ڦوڪيو

الصُّوْرِ وَنَحْشُرُ الْمُجْرِمِيْنَ يَوْمَئِذٍ زُرْقًا ﴿١٠٢﴾ ۚ يَّتَخَافَتُوْنَ بَيْنَهُمْ
صور ۽ گڏ ڪنداسون ڏوهارين کي ان ڏينهن نيرين اکين وارو ڪري. هوريان ڳالهائيندا پاڻ ۾
ويندو ۽ اُن ڏينهن ڏوهارين کي جهرو ڪري اُٿارينداسون. (تنهن ڏينهن) پاڻ ۾ سُس پُس ڪندا

اِنْ لَّبِثْتُمْ اِلَّا عَشْرًا ﴿١٠٣﴾ نَحْنُ اَعْلَمُ بِمَا يَقُوْلُوْنَ اِذْ يَقُوْلُ اَمْثَلُهُمْ
تہ نہ ٽِڪيا آهيو مگر ڏھ ڏينهن. اسين خوب ڄاڻون ٿا جيڪي چون ٿا جڏهن چوندو انهن مان ڀلي
تہ اوهين (دنيا ۾) رڳو ڏهاڪو ڏينهن رهيو. جيڪي چوندا سو اسين چڱو ڄاڻندڙ آهيون. اُن مهل منجهائن صحيح طريقي

طَرِيْقَةً اِنْ لَّبِثْتُمْ اِلَّا يَوْمًا ﴿١٠٤﴾ ع وَيَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ الْجِبَالِ فَقُلْ
روش وارو تہ نہ ترسيا آهيو مگر هڪ ڏينهن. ۽ پڇن ٿا توکان جبلن بابت پوءِ چؤ
وارو چوندو تہ هڪ ڏينهن کان سواءِ نہ رهيا آهيو. ۽ (اي پيغمبرا) جبلن بابت توکان پڇن ٿا. چئو تہ

يَنْسِفُهَا رَبِّىْ نَسْفًا ﴿١٠٥﴾ ۙ فَيَذَرُهَا قَاعًا صَفْصَفًا ﴿١٠٦﴾ ۙ لَّا تَرٰى فِيْهَا
پوريندو انهن کي منهنجو رب پوري. پوءِ ڪري ڇڏيندن ميدان صاف. نہ ڏسندين انهي ۾
منهنجو پالڻهار انهن کي اڏائي ڪندائيندو. پوءِ اُن (هنڌ) کي صاف ميدان ڪري ڇڏيندو. منجهس نڪي هيناهين

عِوَجًا وَّلَآ اَمْتًا ﴿١٠٧﴾ يَوْمَىٕذٍ يَّتَّبِعُوْنَ الدَّاعِيَ لَا عِوَجَ لَهٗ ۚ وَخَشَعَتِ

لاڙهه ۽ نڪي چاڙهه ان ڏينهن لڳندا پليان سڏيندڙ جي ناهي ڪوڏنگ ان ۾ ۽ جهڪا ٿيندا

۽ نڪي مٿاهين ڏسندين. ان ڏينهن سڏيندڙ جي پوئتان لڳندا جنهن کي ڪا ڏنگائي نه هوندي، ۽ سڀ

الْاَصْوَاتُ لِلرَّحْمٰنِ فَلَا تَسْمَعُ اِلَّا هَمْسًا ﴿١٠٨﴾ يَوْمَىٕذٍ لَّا تَنْفَعُ

آواز رحمان جي اڳيان پوءِ نه ٻڌندين مگر پٽڪو. ان ڏينهن فائدو نه ڏيندي

آواز الله لاءِ جهڪا ٿيندا پوءِ پٽڪ کان سواءِ ڪجهه نه ٻڌندين. جنهن کي الله موڪل ڏني ۽

الشَّفَاعَةُ اِلَّا مَنْ اَذِنَ لَهُ الرَّحْمٰنُ وَرَضِيَ لَهٗ قَوْلًا ﴿١٠٩﴾ يَعْلَمُ

سفارش مگر جنهن کي موڪل ڏئي الله ۽ وڻيس ان جو ڳالهائڻ. اهو ڄاڻي ٿو

ان جي چوڻ کان راضي ٿيو تنهن کان سواءِ ان ڏينهن ڪا سفارش فائدو نه ڏيندي.

مَا بَيْنَ اَيْدِيْهِمْ وَمَا خَلْفَهُمْ وَلَا يُحِيْطُوْنَ بِهٖ عِلْمًا ﴿١١٠﴾ وَعَنَتِ

جيڪي انهنجي اڳيان آهي ۽ جيڪي انهن جي پٺيان آهي ۽ اهي نه ٿا گهيرو ڪن ان تي علم سان. ۽ جهڪي پيا

جيڪي سندن اڳتان ۽ جيڪي سندن پوئتان آهي سو (الله) ڄاڻندو آهي ۽ (ماڻهو) ڪيس سندن علم سان نٿا ڄاڻي سگهن.

الْوُجُوْهُ لِلْحَيِّ الْقَيُّوْمِ ۭ وَقَدْ خَابَ مَنْ حَمَلَ ظُلْمًا ﴿١١١﴾ وَمَنْ

منهن سدا جيئري سگهاري جي آڏو، ۽ خراب ٿيو اهو جنهن کنيو ظلم. ۽ جيڪو

۽ سڀ چهرا سدائين جيئري، (جڳ کي) قائم رکندڙ لاءِ عاجزي ڪندڙ آهن. ۽ جنهن ظلم (جو بار) کنيو سو بيشڪ

يَّعْمَلْ مِنَ الصّٰلِحٰتِ وَهُوَ مُؤْمِنٌ فَلَا يَخٰفُ ظُلْمًا وَّلَا هَضْمًا ﴿١١٢﴾

ڪندو چڱايون ۽ آهي ايمان وارو سو نه ڊڄندو ظلم کان ۽ نڪي نقصان کان.

نامراد ٿيو. ۽ جيڪو چڱا ڪم ڪندو ۽ اهو مؤمن (بہ) هوندو سو نڪي ظلم کان ۽ نڪي نقصان کان ڊڄندو.

وَكَذٰلِكَ اَنْزَلْنٰهُ قُرْاٰنًا عَرَبِيًّا وَّصَرَّفْنَا فِيْهِ مِنَ الْوَعِيْدِ

۽ اهڙي طرح نازل ڪيوسون قرآن عربي ٻولي ۾ ۽ ڌرايوسون ان ۾ ڪجهه ڏڙڪو

۽ اهڙيءَ طرح اهو عربي قرآن لاٿوسون ۽ منجهس طرحين طرحين ڏڙڪا بيان ڪياسون ته

لَعَلَّهُمْ يَتَّقُوْنَ اَوْ يُحْدِثُ لَهُمْ ذِكْرًا ﴿١١٣﴾ فَتَعٰلَى اللّٰهُ الْمَلِكُ الْحَقُّ ۚ

مَن اهي پرهيز ڪن يا پيدا ڪري انهن ۾ سمجهه. پوءِ مٿاهون آهي الله بادشاهه سچو.

مَن اهي ڊڄن يا (اهو) انهن لاءِ ڪا نصيحت پيدا ڪري، پوءِ الله سچو بادشاهه مٿاهون آهي.

وَلَا تَعْجَلْ بِالْقُرْاٰنِ مِنْ قَبْلِ اَنْ يُّقْضٰٓى اِلَيْكَ وَحْيُهٗ ۡ وَقُلْ

۽ نه تڪڙ ڪر قرآن سان ان کان اڳي جو پورو ٿئي توتي پهچڻ ان جو ۽ چؤ

۽ قرآن (جي پڙهڻ) ۾ ان کان اڳ جو توڏانهن ان جو لهڻ پورو ڪجي تڪڙ نه ڪر ۽ چئو ته،

رَّبِّ زِدْنِيْ عِلْمًا ﴿١١٤﴾ وَلَقَدْ عَهِدْنَآ اِلٰٓى اٰدَمَ مِنْ قَبْلُ فَنَسِيَ وَ

اي رب وڌاءِ منهنجو علم. ۽ اڳين ئي پارت ڪئي سون آدم کي اڳ ۾ پوءِ وساريائين ۽

اي منهنجا پالڻهارا مون کي علم ۾ وڌاءِ! ۽ بيشڪ آدم کي اڳ حڪم ڪيو هيوسون پوءِ وساريائين ۽

لَمْ نَجِدْ لَهٗ عَزْمًا ﴿١١٥﴾ ع وَ اِذْ قُلْنَا لِلْمَلٰٓئِكَةِ اسْجُدُوْا لِاٰدَمَ فَسَجَدُوْٓا ع ١٥

نه لڌي سون ان ۾ پڪائي. ۽ جڏهن چيو اسان ملائڪن کي سجدو ڪريو آدم ڏانهن ته سجدي ۾ پيا

سندس ڪا پڪي نيت نه لڌي سون. ۽ (ياد ڪر) جڏهن ملائڪن کي چيوسون ته آدم کي سجدو ڪريو پوءِ

اِلَّآ اِبْلِيْسَ ؕ اَبٰى ﴿١١٦﴾ فَقُلْنَا يٰٓاٰدَمُ اِنَّ هٰذَا عَدُوٌّ لَّكَ وَلِزَوْجِكَ فَلَا

مگر ابليس انڪار ڪيائين. پوءِ چيوسون اي آدم يقينن هي دشمن آهي تنهنجو ۽ تنهنجي زال جو پوءِ

ابليس کان سواءِ سڀني سجدو ڪيو، اُن انڪار ڪيو. پوءِ چيوسون ته اي آدم! هيءُ تنهنجو ۽ تنهنجي زال جو ويري آهي

يُخْرِجَنَّكُمَا مِنَ الْجَنَّةِ فَتَشْقٰى ﴿١١٧﴾ اِنَّ لَكَ اَلَّا تَجُوْعَ فِيْهَا وَ

ڪڍي نه توهان کي جنت مان پوءِ تڪليف ۾ پوندين. بيشڪ تو لاءِ آهي ته نه بکيو ٿيئين ان ۾ ۽

متان اوهان کي بهشت مان ڪڍي ته ڏکيا ٿيو. بيشڪ تو لاءِ (هي آهي ته) منجهس نڪي بک لڳندئي ۽

لَا تَعْرٰى ﴿١١٨﴾ ۙ وَ اَنَّكَ لَا تَظْمَؤُا فِيْهَا وَلَا تَضْحٰى ﴿١١٩﴾ فَوَسْوَسَ اِلَيْهِ

نه اگهاڙو. ۽ هي به ته نه اُڃو ٿيندين اتي ۽ نه اُس لڳندءِ. پوءِ خيال وڌو انهي کي

نڪي اگهاڙو ٿيندين. ۽ پڪ تون منجهس نڪي اُڃو ٿيندين ۽ نڪي اُس لڳندئي. پوءِ ڪيس شيطان وسوسو ڏنو

الشَّيْطٰنُ قَالَ يٰٓاٰدَمُ هَلْ اَدُلُّكَ عَلٰى شَجَرَةِ الْخُلْدِ وَمُلْكٍ لَّا يَبْلٰى ﴿١٢٠﴾

شيطان چيائين اي آدم ڏس ڏيان توکي بقا جي وڻ جو ۽ اهڙي ملڪ جو جيڪو پراڻو ٿئي نه ٿئي.

چيائين ته اي آدم! سدائين رهڻ جي وڻ جو ۽ سدائين رهڻ واري بادشاهيءَ جو توکي ڏس ڏيان؟.

فَاَكَلَا مِنْهَا فَبَدَتْ لَهُمَا سَوْاٰتُهُمَا وَطَفِقَا يَخْصِفٰنِ عَلَيْهِمَا

پوءِ ٻنهي کاڌو انهي مان پوءِ کلي پيا انهن تي بدن انهن جا ۽ لڳا چنبڙائڻ پاڻ تي

پوءِ منجهانئس ٻنهي کاڌو تنهن ڪري اُنهن کي سندين اوگهڙ ظاهر ٿي ۽ بهشت (جي وڻ) جا پن پاڻ تي ويڙهڻ

مِنْ وَّرَقِ الْجَنَّةِ ؗ وَعَصٰٓى اٰدَمُ رَبَّهٗ فَغَوٰى ﴿١٢١﴾ ۖ ثُمَّ اجْتَبٰهُ رَبُّهٗ

پن بهشت جا ۽ چيو نه ورتو آدم پنهنجي رب جو پوءِ ڀٽڪي ويو. وري چونڊيوان کي سندس پروردگار

لڳا ۽ آدم پنهنجي پالڻهار جي نافرماني ڪئي، تنهن ڪري ڀٽڪي ويو. وري سندس پالڻهار کيس چونڊيو

فَتَابَ عَلَيْهِ وَهَدٰى ﴿١٢٢﴾ قَالَ اهْبِطَا مِنْهَا جَمِيْعًا ۢ بَعْضُكُمْ لِبَعْضٍ

پوءِ وريو انهي تي ۽ ڏَڳ لاتائينس. فرمايائين ٻئي لهو اتان گڏجي ٿيندؤ توهان هڪ ٻئي

پوءِ مٿس ٻاجهه سان موٽيو ۽ (کيس) سڌي رستي لاتائين. چيائين ته منجهانئس ٻئي گڏ لهي وڃو! اوهان مان ڪي ڪن

عَدُوٌّ ۚ فَاِمَّا يَاْتِيَنَّكُمْ مِّنِّيْ هُدًى ۙ فَمَنِ اتَّبَعَ هُدَايَ فَلَا يَضِلُّ
جا واري. پوءِ جيڪڏهن اچي توهان وٽ منهنجي طرفان هدايت پوءِ جيڪو هليو منهنجي ڏس تي تہ نہ ڀلندو
جا ويري ٿيندا. پوءِ جڏهن اوهان وٽ منهنجي هدايت اچي تڏهن جنهن منهنجي تابعداري ڪئي سو گمراهہ نہ ٿيندو
وَلَا يَشْقٰى ﴿١٢٣﴾ وَمَنْ اَعْرَضَ عَنْ ذِكْرِيْ فَاِنَّ لَهٗ مَعِيْشَةً ضَنْكًا وَّ
۽ نہ تڪليف ۾ پوندو. ۽ جنهن منهن موڙيو منهنجي ذڪر کان تہ انهي لاءِ ٿيندو گذران تنگ ۽
۽ نڪي بدبخت ٿيندو. ۽ جيڪو منهنجي ياد ڪرڻ کان منهن موڙيندو تنهن لاءِ بيشڪ حياتي اهنجي ٿيندي
نَحْشُرُهٗ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ اَعْمٰى ﴿١٢٤﴾ قَالَ رَبِّ لِمَ حَشَرْتَنِيْٓ اَعْمٰى وَقَدْ
آڻيندا سون ان کي قيامت ڏينهن انڌو ڪري. چوندو اي منهنجا رب ڇو آندو تو مونکي انڌو ڪري ۽ آءٌ
۽ قيامت جي ڏينهن کيس انڌو ڪري اٿاريندا سون. چوندو اي منهنجا پالڻهار! مون کي انڌو ڪري ڇو اٿاريئہ ۽ بيشڪ
كُنْتُ بَصِيْرًا ﴿١٢٥﴾ قَالَ كَذٰلِكَ اَتَتْكَ اٰيٰتُنَا فَنَسِيْتَهَا ۚ وَكَذٰلِكَ الْيَوْمَ
تہ هئيس سڄو. فرمائيندو ائين ٿي آيون تو وٽ اسان جون آيتون پوءِ اهي وساري ڇڏيئي، ۽ اهڙي طرح اڄ
(اکين) سڄو هوس. (الله) چوندو تہ ائين آهي، تو وٽ اسان جيون آيتون آيون پوءِ ڪين وساريئي، ۽ اهڙيءَ طرح اڄ
تُنْسٰى ﴿١٢٦﴾ وَكَذٰلِكَ نَجْزِيْ مَنْ اَسْرَفَ وَلَمْ يُؤْمِنْۢ بِاٰيٰتِ رَبِّهٖ ؕ
وساريو ويو تو کي، ۽ ائين ٿي بدلو ڏيندا آهيون ان کي جيڪو حد لنگهي ۽ يقين نہ ڪري پنهنجي رب جي ڳالهين تي،
وساريبين. ۽ اهڙيءَ طرح انهيءَ کي سزا ڏينداسون جيڪو حد کان لنگهيو ۽ پنهنجي پالڻهار جي نشانين کي نہ مڃيائين.
وَلَعَذَابُ الْاٰخِرَةِ اَشَدُّ وَاَبْقٰى ﴿١٢٧﴾ اَفَلَمْ يَهْدِ لَهُمْ كَمْ اَهْلَكْنَا قَبْلَهُمْ
۽ اجا عذاب آخرت جو وڌيڪ سخت آهي ۽ دائمي آهي. ڇا پوءِ نہ هدايت ڏني انهن کي هن ڳالھ تہ ڪيترين ئي تباهہ ڪيوسون انهن کان اڳ
۽ آخرت جو عذاب ڏاڍو سخت ۽ جٽادار آهي. (هن ڳالهہ) ڪين سڌو رستو نہ ڏيکاريو، ڇا تہ ڪانئڻ اڳ ڪيترائي
مِّنَ الْقُرُوْنِ يَمْشُوْنَ فِيْ مَسٰكِنِهِمْ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّاُولِي
قومون جو هي گهمن ٿا انهن جي جاين ۾، بيشڪ انهي ۾ نشانيون آهن عقل
جڳ ناس ڪياسون جن جي جاين ۾ گهمندا آهن؟ بيشڪ اُن ۾ ڏيان وارن لاءِ نشانيون آهن. ۽ (اي پيغمبر!)
ع ٧/١٣/١٦ النُّهٰى ﴿١٢٨﴾ وَلَوْلَا كَلِمَةٌ سَبَقَتْ مِنْ رَّبِّكَ لَكَانَ لِزَامًا وَّاَجَلٌ مُّسَمًّى ﴿١٢٩﴾ ؕ
وارن لاءِ. جيڪڏهن نہ هجي ها فيصلو اڳاٽو تنهنجي رب جو تہ ٿئي ها عذاب لاڳو ۽ جي نہ هجي ها مدت مقرر.
جيڪڏهن تنهنجي پالڻهار جو حڪم اڳاٽو نہ ٿئي ها ۽ (پڻ) مدت مقرر ٿيل نہ هجي ها تہ ضرور (عذاب) لازم ٿئي ها.
فَاصْبِرْ عَلٰى مَا يَقُوْلُوْنَ وَسَبِّحْ بِحَمْدِ رَبِّكَ قَبْلَ طُلُوْعِ الشَّمْسِ
پوءِ تون صبر ڪر ان تي جيڪي چون ٿا ۽ تسبيح پڙهہ تعريف سان پنهنجي رب لاءِ اڳي سج اڀرڻ کان
پوءِ جيڪي چوندا آهن تنهن تي صبر ڪر ۽ سج اڀرڻ کان اڳ ۽ ان جي لهڻ کان اڳ پنهنجي پالڻهار جي پاڪائي ساراهہ

وَقَبْلَ غُرُوْبِهَا ۚ وَمِنْ اٰنَآئِ الَّيْلِ فَسَبِّحْ وَاَطْرَافَ النَّهَارِ لَعَلَّكَ

۽ اڳي | سج لٿي کان | ۽ | رات جي وقتن ۾ به | پوءِ تسبيح پڙهه | ۽ | ڏينهن جي طرفن ۾ | يقينن تون

سان ڳڻ بيان ڪر ۽ رات جي (پهرين) گهڙين ۾ ۽ ڪجهه گهڙيون ڏينهن جون پاڪائي بيان ڪر ته مَن تون

تَرْضٰى ﴿١٣٠﴾ وَلَا تَمُدَّنَّ عَيْنَيْكَ اِلٰى مَا مَتَّعْنَا بِهٖٓ اَزْوَاجًا مِّنْهُمْ

راضي ٿيندين، | ۽ نه | ڪڏ | اکيون پنهنجون | ان شيءِ ڏانهن | جا ڏني سون | ڪيترن کي | انهن مان

خوش ٿئين. ۽ (اي پيغمبر!) تون پنهنجين اکين کي ان ڏانهن نه کول، جنهن سان منجهانئن (ڪافرن جي) ٽولين کي دنيا جي حياتيءَ

زَهْرَةَ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۙ لِنَفْتِنَهُمْ فِيْهِ ۭ وَرِزْقُ رَبِّكَ خَيْرٌ وَّاَبْقٰى ﴿١٣١﴾

رونق | دنيا جي حياتي جي | جيئن آزمايون انهن کي | ان ۾، | ۽ | رزق | تنهنجي رب جو | بهتر ۽ پائدار آهي.

جي سينگار سان هن لاءِ آسودو ڪيوسون ته منجهس کين پرکيون. ۽ تنهنجي پالڻهار جو رزق ڀلو ۽ سدائين (رهڻ) وارو آهي.

وَاْمُرْ اَهْلَكَ بِالصَّلٰوةِ وَاصْطَبِرْ عَلَيْهَا ۭ لَا نَسْـَٔـلُكَ رِزْقًا ۭ نَحْنُ

۽ حڪم ڪر | پنهنجي گهروارن کي | نماز جو | ۽ | مضبوط ٿيءُ | ان تي، | اسين نه ٿا گهرون توکان | روزي، | اسان ئي

۽ پنهنجي گهروارن کي نماز جو حڪم ڪر ۽ مٿس صبر ڪر (يعني قائم رهه) توکان رزق نه گهرندا آهيون. اسين

نَرْزُقُكَ ۭ وَالْعَاقِبَةُ لِلتَّقْوٰى ﴿١٣٢﴾ وَقَالُوْا لَوْلَا يَاْتِيْنَا بِاٰيَةٍ مِّنْ رَّبِّهٖ ۭ

روزي ڏيون ٿا توکي، | ۽ چڱي پڄاڙي آهي | پرهيزگاريءَ جي. | ۽ | چيائون | ڇو نه ٿو آڻي اسان وٽ | ڪا نشاني | پنهنجي رب کان.

توکي روزي ڏيندا آهيون. ۽ چڱي عاقبت پرهيزگارن لاءِ آهي. ۽ چون ٿا ته اسان وٽ پنهنجي پالڻهار جي ڪا نشاني ڇو نه ٿو آڻيندو

اَوَلَمْ تَاْتِهِمْ بَيِّنَةُ مَا فِي الصُّحُفِ الْاُوْلٰى ﴿١٣٣﴾ وَلَوْ اَنَّآ اَهْلَكْنٰهُمْ

ڇا | نه | آئي انهن وٽ | نشاني | اڳين آيل ڪتابن واري. | ۽ جيڪڏهن اسين | هلاڪ ڪريون انهن کي

آهي؟ جيڪي پهرين صحيفن ۾ آهي سي نشانيون وٽن نه آيون آهن ڇا؟ ۽ جيڪڏهن اسين کين هن (پيغمبر موڪلڻ)

بِعَذَابٍ مِّنْ قَبْلِهٖ لَقَالُوْا رَبَّنَا لَوْلَآ اَرْسَلْتَ اِلَيْنَا رَسُوْلًا فَنَتَّبِعَ

عذاب سان | انهيءَ کان اڳ ۾ | ته چون ها اي اسان جا رب ڇو نه | موڪليئي | اسان ڏانهن | رسول | ته تابع ٿيون ها

کان اڳ عذاب سان ناس ڪريون ها ته ضرور چون ها ته، اي اسان جا پالڻهارا اسان ڏانهن پيغمبر ڇو نه موڪليئه ته

اٰيٰتِكَ مِنْ قَبْلِ اَنْ نَّذِلَّ وَنَخْزٰى ﴿١٣٤﴾ قُلْ كُلٌّ مُّتَرَبِّصٌ فَتَرَبَّصُوْا ۚ

تنهنجي حڪمن جا | ان کان اڳ ۾ جو | ذليل ٿيون ها | ۽ خوار ٿيون ها. | تون چؤ | هرڪ | انتظار ڪندڙ آهي | پوءِ توهان به انتظار ڪريو

پنهنجي ذليل ٿيڻ ۽ خوار هجڻ کان اڳ تنهنجي آيتن جي تابعداري ڪريون ها؟ (اي پيغمبر!) چئو ته، سڀ ڪو منتظر

فَسَتَعْلَمُوْنَ مَنْ اَصْحٰبُ الصِّرَاطِ السَّوِيِّ وَمَنِ اهْتَدٰى ﴿١٣٥﴾ ع

پوءِ جلد ڄاڻندؤ ته | ڪير آهن | صاحب | سڌيءَ راهه جا | ۽ ڪير آهن | هدايت تي.

آهي پوءِ (اوهين به) منتظر رهو پوءِ سگهوئي ڄاڻندؤ ته سڌيءَ واٽ وارا ڪير آهن ۽ هدايت وارو ڪير ٿيو؟

